
امن جي نالي
رسول ميمڻ

# امن جي نالي

(ڪهاڻيون)

رسول ميمڻ

پارس اشاعت گهر،
پٽا روڊ سکر سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ آهن.

پهريون ايڊيشن جون 1977ع

قيمت ٽي روپيا، پنجاهه پئسا

AMUN JAY NALY (Short stories) in sindhi by Rasool Memon.
Published by Ayaz Gul, Editor Paras Publishing House Bhutta Road Sukkur
Sindh_1st Edition 1977

ڇپائيندڙ: اياز گل-پارس اشاعت گهر، ڀٽا روڊ سکر سنڌ
ڇپيندڙ: ”همدرد“ پرنٽنگ پريس، ڀٽا روڊ سکر سنڌ

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**امن جي نالي**“ اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** آهي. رشيد ڀٽي لکي ٿو:

”رسول ميمڻ جي افسانن جو موضوع اڄ جو ابوجهه ۽ اياڻو ايڊايل انسان آهي ۽ انسانيت جو فرسودا ۽ انسان دشمن قدر، هو انساني سماج جي اوڻاين، اوچ نيچ ۽ ايذاءَ جو اڻ ٽر ويري آهي. هو انسانيت جي دشمن جنگ جو جاني دشمن آهي، هن جو من امن لاءِ ڦٿڪندو ۽ لڇندو پڇندو رهي ٿو، هو انسان جي عظمت جو دائي آهي. هو انسان کي ڪنهن قدرت يا جبر جو طفيلي يا ماتحت ڏسڻ ۽ سمجهڻ نٿو تسليم ڪري، هو انساني سماج ۽ انسانيت جي ناسورن کي اقتصادي مسئلن ۾ غير برابرين جي پيدائش ٿو سمجهي، هو چئي ٿو پيٽ وڏي شي آهي بک ئي اهو چشمو آهي، جنهن مان انساني براين ۽ بدين جون سڀ نهرون ۽ واهيون وهي هلن ٿيون. بک ئي سيني گناهن کي جنم ڏيندڙ ديوي آهي.“

هي ڪتاب **همدرد پرنٽنگ پريس، سکر** وٽان 1977ع ۾ محترم اياز گُل پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين رسول ميمڻ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ نئين سر ڪمپوز ڪرائي موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


1. پيش لفظ 06
2. غدار 11
3. چنڊ ۽ ستارا 13
4. امن 14
5. پارس هٿ 15
6. امن جي نالي 20
7. انسانيت، دونهون ۽ لاش 26
8. بستيون ۽ پستيون 30
9. شينهن جو ٻچو 35
10. سکون ڪٿي آ 41
11. هاڃو هاڃو، هاءِ حياتي 46
12. هيءَ سين نہ ڏينديءَ چين 52

# پيش لفظ

ڪنهن دوست پئي چيو تہ سنڌي ادب تي جمود آهي، سنڌي ادب جي تلاءَ ۾ ماٺ آهي، ضرورت آهي تہ ان ۾ پٿر اڇلائي چرپر آڻجي، مون ساڻس اختلاف ڪيو هيو، نہ رڳو ان ڪري جو مون ڏٺو پئي تہ سنڌي ادب تي جمود نہ هيو، ۽ وائڻو پئي تہ ادب جي ساگر ۾ ڇوليون اپري رهيون هيون، پر ان ڪري بہ تہ، مان ان ڳالهہ جو قائل آهيان، تہ تخليق جو عمل نہ ٽٽندڙ، سدا هلندڙ ۽ جاري ساري عمل آهي، ڪڏهن اهو عمل تڪڙو ٿئي ٿو تہ ڪڏهن ڍرو، پر ختم يا بند ڪڏهن بہ نٿو ٿئي، ان عمل لاءِ خالق جون ڪيفيتون ۽ سندس داخلي ۽ خارجي حالتون اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

ائين برابر آهي تہ گذريل پنجن سالن دوران، ملڪ جي تڪڙين تبديل ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن سبب، اڪثر اڳ لکندڙ اديب ۽ شاعر مونجهارن جي دنيا ۾ رهيو آهي، جنهن ڪري سندس تخليقي پيداوار ۽ ان جي اوسر جو عمل ضرور متاثر ٿيو آهي، ٻي پاسي رسالن ۽ اشاعتي سلسلن تي بندش پوڻ سبب سندس اها تخليق پڙهندڙ آڏو بہ نہ اچي سگهي آهي، پر ان جي باوجود، اها حقيقت آهي تہ ان دوران بہ سندس تخليقي قوت ماٺ ۾ نہ رهي آهي، ٿورو ڪي گهڻو، هو لکندو ئي رهيو آهي ۽ لکندو ئي رهي ٿو، اهو ان ڪري جو ان وٽ لکڻ لاءِ موضوع ۽ مقصد جي ڪڏهن بہ تنگي يا ڪوٽ نہ رهي آهي، هن ڌرتيءَ انسان، انسانيت، ديش، عوام ۽ انهن جي مسئلن ڪان منهن نہ موڙيو آهي، انهن ڪان راهِ فرار اختيار نہ ڪئي آهي، جيستائين فنڪار وٽ موضوع آهي، فن ۽ تخليق جو مقصد آهي، تيستائين هن جي تخليقي عمل جو سلسلو ختم نہ ٿو ٿي سگهي.

ان عرصي دوران ٻي خاص همٿائيندڙ حقيقت اها اپري آئي آهي تہ، ان وچ ۾ سنڌي زبان جي اديبن ۽ شاعرن جو نئون نسل ڀرپور نموني اُسري آيو آهي. انهن جي تخليقن پڙهڻ ڪانپوءِ، ڪين سنگت جي ميڙن ۽ ادبي اجتماعن ۾ ٻڌڻ ڪان پوءِ، منهن جي آس ۽ اميد وڌيڪ مضبوط ٿي آهي، هاڻي آءُ انهن نراسائيءَ ۽ نااميديءَ جي شڪار ٿيل دوستن ۽ ساٿين سان وڏي واڪ ويهي ڳالهائي سگهان ٿو، جي ادب ۾ جمود ۽ ماٺ جا وهم ۽ گمان ظاهر ڪري، ان جي حال ۽ مستقبل ڪان مايوس ٿي ويا آهن. اسان جي نئين نسل وٽ فن بہ آهي

ته فڪر به، وٽن سوچ آهي ۽ سلجهيل دماغ پڻ. وٽن مشاهدو به آهي ته سندن من ۾ مانڊاڻ به آهي. هنن وٽ ان سوچ ۽ لوچ کي پيش ڪرڻ جو انداز به جڄهو آهي. هنن کي قومي ۽ بينالاقوامي مسئلن جي پروڙ آهي، هنن وٽ انسان ۽ انسانيت جي مسئلن جي به پوري پوري پرجهه آهي. هو نه رڳو مسئلن کي ڄاڻن ٿا ۽ انهن جي نشاندهي ڪري سگهن ٿا، پر هڪ ماهر سرجن جيان، انهن جي وڍ ڪٽ به ڪري سگهن ٿا. هو ڪنيل موضوع کي مقصد ۽ آدرش آهر نڀائڻ به ڄاڻن ٿا. پر انهن ۾ رڳي، اڪيلي اوڻائي اها آهي ته هو نوان ۽ ننڍڙا اديب آهن، ۽ وڏن مڃيل اديبن جي منجهن اک ڪا نه ٿي ٻڏي، جنهن ڪري چيو وڃي ٿو ته سنڌي ادب تي جمود آهي ! اهو ڏسڻ ۽ وسهڻ جي تڪليف نٿي ڪئي وڃي ته مٿين ٿهه جي هيٺان مهي ولوڙ آهي. ارتقا جي عمل ۾ ائين ٿيڻ ڪنهن حد تائين سياويڪ به آهي. هڪ لقاءُ جي ٻي لقاءُ ۾ منتقل ٿيڻ واري نڪتي تي رسڻ کان اڳ، اوسر جي ان عمل ۾، ائين محسوس ٿيندو آهي، ۽ ٻيءُ گهڙي، ان نڪتي تي رسڻ سان ئي نئون لقاءُ ۽ نئين شي وجود وٺي ظاهر ٿيندي آهي، اها گهڙي ويجهي آهي، ان ڪري مان، سنڌي ادب جي حال يا مستقبل کان، نااميد نه آهيا. مون لاءِ نااميدي ڪفر برابر آهي، مان نئين اسرندڙ نسل کي ڏٺو آهي ۽ سمجهيو آهي، رڳو سکر ۾ گذريل ان عرصي دوران چڱا چوکا فنڪار ادبي دنيا ۾ اسري آيا آهن: رفيق سومرو، ادل سومرو، اياز گل، رسول ميمڻ، رحمان جافرادي، سداحيات ۽ سيف ٻنوي وغيره وغيره.

رسول ميمڻ گذريل ٻن سالن کن کان افسانو لکي رهيو آهي. ڪڏهين ڪڏهين شعر تي به هٿ هلائي ٿو، ٽيڙو ۽ وائي تي سٺي ۽ سهٽي پهچ اٿس. سنگت جي ڪچهرين ۾ سندس افساني تي به ايترو ئي داد ملندو آهي، جيترو شعر تي، ان ڪري في الوقت چئي نه ٿو سگهجي ته هو اڳتي هلي هڪ اعليٰ ۽ عظيم ڪهاڻيڪار ٿيندو يا شاعر. جيترو قد ۾ مٿي ۽ اوچو آهي، اوترو ئي سوچ ۾ هيٺ ۽ اونهو آهي هيءُ حليم سڀاءَ وارو نوجوان ميڊيڪل جو شاگرد آهي، مڙدن جي وڍ ڪٽ ۾ ڪيترو ڪامياب آهي، سو ته آءُ نه ٿو چئي سگهان پر سماج جي جيئري جاڳندي انسان ۽ ان جي اندر جي وڍ ڪٽ ڪمال مهارت سان ڪري سگهي ٿو، ڏاڍو اونهو آهي، ۽ گهرو پڻ حساس به ته حقيقت پسند به .

رسول ميمڻ جي افسانن جو موضوع اڄ جو اڀوجهه ۽ اڻاٽو ايڊايل انسان آهي ۽ انسانيت جو فرسودا ۽ انسان دشمن قدر، هو انساني سماج جي اوڻاين، اوچ نيچ ۽ ايذاءَ جو اڻ ٽر ويري آهي. هو انسانيت جي دشمن جنگ جو جاني دشمن آهي، هن جو من امن لاءِ ڦٿڪندو ۽ لڇندو پڇندو رهي ٿو، هو انسان جي عظمت جو دائي آهي. هو انسان کي ڪنهن

قدرت يا جبر جو طفيلي يا ماتحت ڏسڻ ۽ سمجهڻ نٿو تسليم ڪري، هو انساني سماج ۽ انسانيت جي ناسورن کي اقتصادي مسئلن ۾ غير برابرين جي پيدائش ٿو سمجهي، هو چئي ٿو پيٽ وڏي شي آهي بک ئي اهو چشمو آهي، جنهن مان انساني براين ۽ بدين جون سڀ نهرون ۽ واهيون وهي هلن ٿيون. بک ئي سڀني گناهن کي جنم ڏيندڙ ديوي آهي.

اهي ئي ساپيائون، اهي ئي سپنا ۽ اهي ئي آدرش اسان کي رسول ميمڻ جي هن مجموعي ” امن جي نالي“ ۾ شامل افسانن ۾ ملن ٿا، ” انسانيت دونهون ۽ لاش“ ۽ ” امن جي نالي“ افسانن ۾ جنگ جي ميدان جي پس منظر ۾ هن انسان جي جذبن، آدرشن ۽ ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پنهنجي هٿان پنهنجن جي نسل جي تباهي ۽ بربادي انسان کي سوچڻ تي مجبور ٿي ڪري ته آخر هيءَ جنگ ڇو ؟ ٻيا به ڪيترائي محاذ آهن جنگ لاءِ ! آخر انسان انهن محاذن تي منهن ڇو نه ٿو ڏئي؟ مفلسيءَ سان جنگ، اندر سان جنگ، براين ۽ سماج جي ناسورن سان جنگ !.....ماڻهو ڇو نه اهڙي حقيقت سان وڙهي، جي ان تباهه ڪن لڙاين کي جنم ڏين ٿيون.

”هاڃو هاڃو هاءِ ! حياتي “ ۽ ” سڪون ڪٿي آ “ ۾ رسول ميمڻ گناهه جي فلسفي جو اپٽار ڪيو آهي. طبقاتي سماج ۾ اقتصادي غيربرابري ۽ غير يقينيءَ سبب پيدا ٿيندڙ بک ۽ مجبوري ئي گناهه جو سرچشمو آهي. “بک بڇڙو ٽول آ، جا داناءَ ديوانا ڪري ڇڏي.” يا شاهه سائينءَ چواڻي. “ڏو بنا ڏوليا، ڪانهي ساڃهه ساهه جي.” انهن اڻ مٽ ۽ سچين چوٽين کي رسول ميمڻ نهايت ئي ڪاريگريءَ ۽ فني مهارت سان افسانن ذريعي نيايو آهي. بک سڀ احساس مٽايو ڇڏي، مذهبي تقدس ۽ اخلاقي پابنديون، سماجي نيم ۽ انساني حدبنديون، بک لحظي ۾ لتاڙيو وڃي. رسول جو خيال آهي ته بک ڪڏهن به نه ختم ٿيندڙ گهنڊ آهي جيڪو دنيا جي ديول تي هميشه لڏندو رهندو، ان ۾ فنڪار جي نراسا جي جهلڪ ملي ٿي، جا سندس ٻين افسانن ۾ پٽيءَ ڪا نه آهي، يا اڻ لکي آهي.

”بستيون ۽ پستيون“ افسانو، رسول ميمڻ جي منظر ڪشيءَ ۽ ڪردار نگاريءَ جو نادر نمونو آهي، هن افساني ۾ اهڙيءَ بستيءَ جو منظر چٽيو ويو آهي، جتي بک، بي روزگاريءَ، مفلسيءَ ۽ مجبوريءَ جو راڄ آهي. جتي نه رڳو گند ۽ ڪچري جا ڍير آهن، پر انساني سماج جي بڇڙاين ۽ گندگين جا انبار آهن، انسان، ان جي ماحول، ڇيهون ڇيهون ٿيل زندگيءَ جي عڪاسي، رسول ميمڻ جي مشاهدي جي قوت ۽ حساس دليءَ جو چٽو ثبوت آهي، ائين ٿو لڳي ته، نه رڳو فنڪار ان بستيءَ ۾ رهي ٿو، پر اتان جي واسين جي دلين جي گهٽين گهيرن مان به گهمي آيو آهي، ان بستيءَ جي رهواسين جي ڪردار نگاريءَ

۾ رسول پنهنجو اندر اٿلائي رکيو آهي، اکين آڏو خاندوءَ، راهوءَ ۽ پٽهنس جون جيئريون جاڳنديون چرندڙ پرندڙ مورتون اڀري ٿيون اچن، ”پارس هٿ“ انسان جي عظمت جو دليل آهي، انسان جو هٿ پارس آهي، جنهن کي ڇهي هو سون ٿئي، قدرت ۽ قسمت انساني هٿ جي ڇهاءَ جو ٻيو نالو آهي. انسان جو هٿ ئي قدرت کي جنم ڏئي ٿو يا مڪمل ڪري ٿو، انسان محتاج نہ آهي، پر پاڻ مالڪ آهي، مقدر ۽ بخت مجبور نہ آهي، پر محنت جو ٻيو ناءُ آهي، ماڻهو مقدر آڏو مجبور نہ آهي، پر پنهنجي محنت جو محتاج آهي.

”هيءَ سين نہ ڏيندي چين“ افساني ۾ پراڻي ۽ قابل بحث موضوع جي جرئت ڪئي آهي، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ ئي زندگيءَ جي امرتا جو راز آهي پنهنجي لاءِ جيئڻ بي معنيٰ آهي، پنهنجي ذهن تائين ۽ خواهشن تائين محدود سوچ رکندڙ فنڪار ئي نراسا جو شڪار ٿئي ٿو، فراريت جي ڦند ۾ ڦاسي ٿو، سنسار لاءِ سوچيو، جڳ جي جهوري جيءَ کي لايو، انسان جي احياءَ، عظمت ۽ چوٽڪاري لاءِ جدو جهد ڪندڙ فنڪار ئي امر ٿي سگهي ٿو، ۽ نراسا کان جان ڇڏائي سگهي ٿو، فن جي قيمت ناڻو يا ٺلهو داد نہ آهي، پر سماج ۾ ان جي قدرن جي تبديلي آهي، ان آدرش سان ئي فنڪار تخليق جو عمل جاري رکي سگهي ٿو، آس جي دولت سان مالا مال ٿي سگهي ٿو، ذهني مونجهارن مان پار پئجي سگهي ٿو، امرتا ماڻي سگهي ٿو.

اهو ئي تاٿپرج ۽ تاجي پيٽو آهي رسول ميمڻ جي انهن اٺن افسانن جو، جي هن مجموعي ۾ شامل آهن، سندس هيءُ مجموعو پهريون ۽ شروعاتي مجموعو آهي، انهن افسانن ۾ جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان، نہ رڳو فڪر آهي، پر فن بہ آهي، سندس نئين گهڙيل قلم انهن افسانن کي فني نڪتہ نظر کان بہ سينگارڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪي زبان ۽ گرامر جا ماهر ۽ گهاگهہ سندس لکڻ مان وڏون ڪڍن، پر جي اهي بہ سندس عمر ۽ تجربي جي لحاظ کان ان تي نظر وجهندا تہ ڪين رسول جي نثر ۾ اهي سڀ خوبيون ڏسڻ ۾ اينديون جي افساني لاءِ گهربل هونديون آهن، يا سٺي نثر لاءِ ضروري هونديون آهن. وٽس موضوع بہ آهي تہ مقصد بہ، وٽس منظر ڪشي بہ آهي تہ ڪردار نگاري بہ، وٽس مشاهدو بہ آهي تہ ان جو اظهار بہ، هن وٽ سوچ جي سيبتائي بہ آهي تہ لطيف انساني جذبن جي عڪاسي بہ، وٽس لفظن جي چونڊ بہ آهي تہ تشبيهن جي ترائي بہ، سندس ٻوليءَ ۾ رواني بہ آهي تہ مٺاس بہ، پنهن جي هن پهرين ۽ اوائلي ڪوشش ۾ جا هن ڪاميابي ماڻي آهي، ان جي آڌار تي، چئي سگهجي ٿو تہ اسان جو هي نوجوان ۽ نئين نسل جو فنڪار، اڳتي هلي، پنهن جي فن ۽ فڪر ۾ پختگي پائي، سنڌي ادب ۾ ۽ خاص ڪري افساني جي

**دنيا ۾ نمايان ۽ منفرد مقام ماڻيندو، فن ۽ ان جي تخليق هڪ مسلسل ۽ اڻ ڪٽ جدوجهد آهي، ۽ ان جي شروعات رسول ميمڻ سٺي ۽ سڦل نموني ڪئي آهي، مون کي اميد آهي ته هن ساٿيءَ کي اها سين چين نہ ڏيندي ۽ هو جستجو ۽ جاکوڙ جاري رکندو، ۽ پنهن جي جيون جو آدرش اوس ماڻيندو.**

**رشيدڀٽي**

**بئراج روڊ سکر**

**1 مئي 1977**

# غدار

راتِ جي سناٽي ۾
فضائن جي جھولندڙ
نظر جي حد تائين
دونهي جهڙي
اونده ئي اونده ۾
منهنجي جيئري لاش جي چپن مٿان
رکيل هن جو ڪونئرو ڪونئرو
ويڙهيءَ ۾ پاتل
رابيلن جي واس جهڙو هٿ
پنجو ڏئي بيٺو آهي
منهنجي صدائن کي، آهن کي،
ڪٿي به ڪو آواز نه آهي
سڏڪي سڏڪي
ٿي ويو آهي الوپ
انڌيارن مان اٿندڙ
خزان جي سڙيل پنن جي
ڪرڻ جو آواز
شايد مڙهه ئي مڙهه آهن
انڌريان جي ڪفن پويان
اهڙي سانت ۾
ڪنهن ڪوٺيو
هن رابيلن جي گجرن واريءَ کي
ظالم، ڊڪٽيٽر
جيڪا ڏئي بيٺي آهي
منهنجي چپن تي هٿ

**دٻايو ويٺي آهي**
**منهنجي صدائن کي**
**پر اوءِ حساس**
**۽ سادي دل وارا عوام**
**تون ڇا ڄاڻين ؟**
**تہ مون ڏني آهي**
**هن جي نرم ترريءَ تي**
**هڪ ڊگهي**
**زندگيءَ جيڏي چمي**
**توهان ڀل سمجهو هن کي**
**ظالم، ڊڪٽيٽر**
**پر ڪهڙي خبر**
**متان آءُ ئي غدار هجان !!**

# چنڊ ۽ ستارا

سنڌوءَ ڪنارو
چپ چپات
چانڊوڪيءَ ۾ وهتل وادي
هيڏي هيڏي
ڪاريهر مڻ
وئي اوندهہ جو زهر ڇهي
هير هلي ۽ ٿي ويا سپ
لهرون لهرون،
وڻ ٽڻ پاڻي
من تي چڙهيا مڌ جا سرور،
ڪي هيٺ لهن،
ڄڻ متي چڙهن
وچ پاڻيءَ ۾ وهنجي چنڊ
امرت ڌارا ڌوئي بدن
نچندي ڪڏندي
مونکي چڙائي ساري رات
مون بہ هن کي ڇيڙڻ خاطر
مرڪي اڇلايو
ڳاڙهو ڳاڙهو
هن ڏي ڏاڙهونءَ قول
گهيرا گهيرا ٿي ويو سنڌو
لهرن ڪٽي
ڪنڌ تي ڪِت ڪِتائي
ٽڪرا ٽڪرا هو پوءِ چنڊ
۽ لهرن ۾ لڙهيا پئي
سوين ستارا......

# امن

پرينءَ جي نيڻن ۾
ڪپائي نيڻ،
ائين مدتن ڪان
ويٺو آهيان
وجود جي جوت جلائي
سوچان ٿو،
سونهن ئي حياتي آهي
سونهن ئي مماتي آهي
سونهن ئي سڀ ڪجهہ آهي
هن جي نيڻن مان وهي
منهنجي نيڻڻ ۾ اچي ٿي
حياتيءَ جي ڌار
ائين ئي مسلسل آهي
وجودن جو تسلسل
هن جا نيڻ سلامت آهن
اسانجو وجود
آهي موجود
پر او، وقت جي ظالم ڌارا
نہ ڪر اهي ڌماڪا
جو چنيي ويهندو
هو اکڙيون پنهنجيون
۽ اسانجو روح
ويندو ڪري پرواز
چرڪي اڏامندڙ ڪبوترن سان
آڪاش ڏانهن.....

# پارس هٽ

ڏاتو گذريل ٻن ڏينهن کان پياسو هيو، هن پاڻيءَ کي چکيو نہ ڇا ڏٺو بہ ڪين هيو، اهو سڀ ڪجهہ ڪوهستان ۾ گذريل سال کان برسات نہ پوڻ ڪري ٿيو هيو، ڍنڍن ۾ جمع ٿيل پاڻي ختم ٿي چڪو هيو، هر ڪنهن جون اکيون آڪاش ڏانهن هيون، "ڇاڻ مينهن وٺو، ڇاڻ مينهن وٺو....." هر ڪنهن جي چپن تي ساڳيا جملا هيا، صرف هڪ ٻئي کي دلداري ڏيڻ لاءِ، ننڍڙن ٻارن جي آهن کي گهٽائڻ لاءِ. هر ڪو نيڻ مٿي ڪٽي آڪاش کي پڪاريندو رهيو خدا کان پنهنجو حق گهرندو رهيو، "او خدايا بادلن کي حڪم ڪر تہ اهي اسان جي اڃ اجهائين... او خدايا رحم ڪر" پر بادل ڪڏهن نہ وسيا، آڪاش ڏي نهاريندي نهاريندي ماڻهن جا ڪنڌ ٿڪجي پيا، هنن نا اميد ٿي اکين کي هيٺ جهڪائي ڇڏيو.

ڪوهستان ۾ پري پري تائين ڪنهن بہ ساهواري جو نانءُ نشان نہ هيو، سواءِ هن هڪ قبيلي جي جيڪو پڻ لڏڻ لاءِ سوچي رهيو هيو، ٻيا سڀ ڪوهستاني آهستي آهستي ٿي اٿي ويا هيا ۽ هي اڃان ٿوري آس لڳائي ٽيڏيءَ اک سان آڪاس ڏي نهاري رهيا هيا، ڏاتوءَ جو خاندان بہ ان قبيلي مان هڪ هيو، هو پنهنجي ٻارن جي پٽيءَ لڳل پيٽن ۽ پياس کان بي آواز نڙين کي سهي نہ سگهيو، هن پڪو پهہ ڪيو تہ هوڪتان نہ ڪٿان پنهنجي ٻارن لاءِ ماني ۽ پاڻيءَ چڪو ضرور هٽ ڪري ايندو، اهو سوچي هو ڏور نيري آڪاش هيٺان گم ٿي ويو، ماڻهن جون هن ۾ گهڻيون اميدون هيون، ڇو جو هو قبيلي وارن جو روحاني پيشوا هيو ۽ هنن کي پڪ هئي تہ خدا ڏاتوءَ کي خالي هٿين نہ موٽائيندو ۽ اڄ ڏاتو ٻن ڏينهن کان ڪوهستان جي پهاڙي لاهين چاڙهين جي وچ ۾ ڀٽڪي رهيو هيو، هن پنهنجا ٻئي هٿ بلند ڪري خدا کان پنهنجي ڪيل گناهن جي معافي ورتي، هن جي ڏمر کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ٻوڙهن جو نذرانو پيش ڪيو، پر ڪجهہ نہ وريو، ساڳي پياس، ساڳيا آدم خور جي ڏندن جهڙا پهاڙ، نظر جي حد تائين گرم ڪوهستاني هوائن جا وچوڙا، دل کي ڏڪائيندڙ پهاڙن جي دامن سان گسي پيدا ٿيندڙ هوائن جا گهوگهٽ، ڏاتو تيز فضا ۾ ڦڙ ڦڙائيندڙ پنهنجي اڇي چادر جي پاند کي ٻُڇيءَ ۾ ويڙهي سيڙهي قابو ڪيو ۽ هن ڇچيون اکيون ڪري، ڪنهن بيواهہ جي جسم جيان سڪتي ۾ بيٺل خاموش پهاڙن کي ڏٺو. ڪوهستاني هوائن جي تيزيءَ ڪري هن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا ڏگها وار هيڏي هوڏي ٻڪ کان ڦٽڪندڙ ٻار جي جسم جيان لرزي رهيا هيا، ڏاتو کي خبر هئي تہ اهو سڀ ڪجهہ هن جي گناهن جو سلو آهي، جنهن جي رد

عمل ۾ خدا جو ڏمر نازل ٿيو، ڏاتوءَ کي ڪوهستاني زندگيءَ سان پيار هيو، هو نہ پيو چاهي تہ ڪو هنن بلند پهاڙين ڪان ڏور زندگيءَ جي هڪ گهڙي بہ گهارجي ۽ اهو ئي سبب هيو، جو اڄ هن جا هٿ خدا آڏو بُلند هيا، هن جي چپن تي آرزيون نيزاريون هيون ۽ هنجي اکين ۾ ڪوهستاني گرم هوائن جي اڄ اجهائڻ لاءِ ڳوڙها پريل هيا، ڏاتوءَ کي پڪ هئي تہ هن جو خدا هڪ نہ هڪ ڏينهن هن جون دعائون ضرور قبول ڪندو، هڪ نہ هڪ ڏينهن آسمان مان ڪرندڙ پاڻي هنن بلند پهاڙن تان ريلا ڪري ضرور وهندو، هي ڪوهستان بادل جي بوندن سان ضرور وهجندو ۽ هن تصور ئي تصور ۾ برساتي گجگوڙ ٻڌا، اوندهہ ۾ وڄ جا چمڪاٽ ۽ ان چمڪي جي روشنيءَ ۾ هن ڪروڙين برساتي چمڪندڙ بوندون ڏٺيون، جيڪي ڦڙڦڙ ڪري بلند پهاڙن جي چوٽين تي ڪري، ريلا ڪري ندين جي صورت ۾ وهي رهيون هيون، انهن ڏاتوءَ جي من ۾ عجيب هلچل مچائي ڇڏي.” ائين ضرور ٿيندو... پاڻي ڌرتيءَ جي پياس ضرور اجهائيندو “ ۽ اهو سوچي هنجي چپن تي گهري مرڪ ڊوڙي وئي، پر ڏاتوءَ جون سڀ دعائون، آشائون ۽ تصور هنجي دعائن جيان ڪوڪلا هيا، خدا تي هن جي آهُن جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو، پر ڏاتوءَ بہ خدا کي نہ بخشيو، هو هڪ بلند پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي پنهنجا ٻئي هٿ بلند ڪري گوڏا کوڙي ويهي رهيو، ڏاتوءَ خدا سان ضد ڪيو، هو پنهنجي وجود کي قدرت جي ترازيءَ ۾ پاڻيءَ جي ڪجهہ ڦڙن جي عيوض تورڻ لاءِ تيار ٿي ويو، يا منهنجي لاش ۾ ڳجهن جون چهنبون هونديون يا تنهنجي وسايل بادلن جي پاڻيءَ سان ڪوهستان ۾ نديون وهنديون، هن خدا کي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪري ڇڏي، هنجي اندر ۾ پرجي آيل جوش ڪان هنجي نڪ جي آس پاس منهن جي چمڙي ڏڪي رهي هئي، هن جون ٻئي اکيون زور سان بند هيون، هٿ عرش ڏانهن بلند هيا، اوچتو پري ڪان اڇن بادلن جون چوٽيون ظاهر ٿيون جيڪي ٻرندڙ جبل جي دونهي جيان اڳتي وڌي آسمان تي قبضو ڪرڻ لڳيون، ڏاتوءَ اکيون کولي آڪاش ڏي نهاريو، هن جي من جي هڪ ڪنڊ ۾ خوشيءَ ڪَر ڪنيو، پر هن ڇاٽي واٽي ان کي دٻائي ڇڏيو، متان ان پرپور خوشيءَ جي اظهار جو منهنجي دعائن تي نہ اثر پوي ۽ هڪ دفعو وري هو اکيون بند ڪري دعا گهرندو رهيو، آهستي آهستي خوشي هنجي جوش مٿان غالب پئجي وئي هن جي دل چاهيو تہ هو اکيون کولي خوب ٽهڪ ڏيئي کلي ۽ انهن بادلن کي ڏسي دل وندرائي جن ۾ هنجي اڄ ڪان مرندڙ قوم جو روح سمايل هيو، ڏاتوءَ جي رڳ رڳ ۾ ڇڻ شراب سمائجي ويو، هن جي اندر ۾ ڇڻ برف جو ٿڌو طوفان گهلڻ لڳو، جنهن ڪان هن جو اندر ڦاٿو ٿي، ڏاتوءَ خوشيءَ سان پنهنجون ٻئي اکيون کولي ڇڏيون، پر هن جي اڳيان ڪجهہ نہ هيو، ڪجهہ گهڙيون پهريون

وڏندڙ اڇا اڇا ڪير جهڙا ڪڪر هوا تي ترندي هيڏي هوڏي پکڙجي ختم ٿي چڪا هيا، ڏاتوءَ جي حالت ان ماءُ جهڙي ٿي وئي جنهن جو ٻار تازو تازو هن جي سامهون ڪنهن ڦاٿندڙ جبل جي وڏي ٽڪر هيٺان جهڙو دفنائجي ويو هجي، هن جو هر خيال ريزا ريزا ٿي هن جي اميد مٿان ڪريو، هن جون سڀ خوش فهميون دبجي ختم ٿي ويون، خدا مان ٿوري دير لاءِ هن جو اعتماد کڄي ويو، هن خدا کي حد درجي جو ڪنجوس تصور ڪيو نااميديءَ هن جي مقصد کي ايڏو نہ ايذايو جو هو خودڪشيءَ تي راضي ٿي ويو ، هن جي دل چاهيو تہ هو هن پهاڙ تان ٽپو ڪائي سورن کان نجات حاصل ڪري، پر هنجي قوم جيڪا اميد جو جذبو ڪٽي هن جي انتظار ۾ ويٺي هوندي، ان جو ڇا ٿيندو ؟ ۽ اهو سوچي ڏاتو ڏاڍيون ڪري روئي پيو، "ڇا ڪريان، مان پنهنجي مقصد کي ڪهڙي نموني عملي جامو پهرايان، تنهنجو در ڇڏي ڪنهن جي چائٺ تي سر نوايان؟"

ڪوهستان جي خاموش واديءَ ۾ ڏاتوءَ جي روئڻ جو آواز ڦهلجي اس ۾ سڙندڙ پهاڙن جي دل ڪمزور ڪرڻ لڳو، نوجوان پٽن جي طعنن کان منهن موڙي پوڙهي پيءُ جي ريزا ريزا ٿيل دل جيان خاموش پهاڙ ڏاتوءَ سان گڏ ڇڻ پاڻ بہ سڏڪا ڀرڻ لڳا، پر خدا کي ڪو رحم نہ آيو، ڪيترا ڏينهن گذري ويا ڏانو خدا کي ٻاڏائي ٻاڏائي ٿڪجي پيو، پر روز قدرت جو هن سان ساڳيو مذاق، اڇا بادل منڊي ڪڍي هن جي ڇڄل دل تي ٺهڪ ڏئي وري لڪي پوندا هيا، ڏاتو بلڪل نا اميد ٿي ويو، هن پنهنجي قوم کي پنهنجي قسمت تي ڇڏي ڏنو، دنيا ۾ هن کي بيزاري محسوس ٿيڻ لڳي، هر ڪا شيءِ هن کي اوپري محسوس ٿي، هو هر شيءِ مان تنگ ٿي ويو، هو پاڻيءَ لاءِ ايترو تہ رنو هيو جو هو جيڪڏهن پنهنجا ڳوڙها جمع ڪري ڪنهن معصوم ٻار جي وات ۾ وجهي ها تہ هوند هو ٺهڪ ڏيئي ماءُ جي سيني مان چمبڙي، بس اهي ئي اکر چوي ها تہ "امان مونکي ٻيو ڪجھ نہ گهرجي، منهنجي اڃ ختم ٿي وئي".

گهڻن ڏينهن جي پياس کان هاڻي ڏاتوءَ جي نڙيءَ ۾ اها طاقت بہ نہ رهي هو وڏي آواز سان پاڻيءَ لاءِ پڪاري سگهي، هو پنهنجا ٻئي چپ الڳ ڪري ڪجھ چوڻ پيو چاهي، پر آواز بدران هن جي زبان خشڪ تارونءَ سان ٿي لڳي، ڏاتوءَ سوچيو! ڇا هيءَ ئي آهي زندگي جنهن لاءِ انسان کي خلقيو ويو؟ ڇا هيءَ ئي آهي دنيا؟ قدرت جي محتاج دنيا، جو هن کي پاڻيءَ ڇڪو بہ خدا کان ٿو گهرڻو پوي، آخرڪار انسان جي ٻانهن ۾ ايتري طاقت ڇو نہ آهي؟ جنهن سان هو فطرت جي منهن تي لپاٽ هڻي پنهنجا حق ڦري وٺي، جيڪر انسان هر ڪنهن اڳيان جهڪي وڻڻ کان ڳاٽ اوچو ڪري وٺي ها، انسان قدرت جو محتاج

نہ هجي ها، قدرت جو ڪوئي وجود نہ هجي ها.” ڏاتو پنهنجي ذهن ۾ باغي خيالن کي جنم ڏيندو رهيو، هن پاڻ کي ڪنهن ٻئي جي هٿن ۾ محسوسو ڪيو حالانڪہ هن جون ٻانهون ۽ جسم هر ڪنهن ڏوريءَ کان آزاد هيا، پر تڏهن بہ هن پاڻ کي ان اڏرندڙ لغڙيءَ جيان ٿي محسوس ڪيو جنهن جي ڏور نچائڻ واري جي هٿ ۾ هوندي آهي، هو پاڻ کي هر دور ۾ ڪمزور نظر آيو، پر اڄ هن جي ذهن ۾ باغي خيال ڪَرَ ڪٽي ٻيهي رهيا هيا، پوءِ اهو سڀ ڪجهہ گذريل ڏينهن جي افراتفريءَ جو رد عمل هيو يا خدا کي ڌمڪائڻ جو هڪ طريقو، جيئن خدا هن جا رخ ڏسي ڪجهہ رحم ڪري، بادل اَٽي، مينهن وسائي، اوچتو ڏاتوءَ کي ائين محسوس ٿيو جيئن سج اکيان ڪو ديوءُ اچي ويو هجي، اونهاري جي اس ۾ سڙندر پهاڙن تي جنت جهڙو ٿڌو عڪس ڇائنجي ويو هن ڪنڌ ڪٽي مٿي نهاريو، ڪڪر تيزيءَ سان سڄي آسمان کي ويڙهي رهيا هيا، ڏاتوءَ پهريائين ان کي قدرت جو مذاق سمجهيو ۽ هن جي دل ۾ ڪا بہ خوشي نہ جاڳي پر هن کي رڪي رڪي پڪ ٿي وئي تہ برسات ضرور پوندي هڪ دفعو وري خوشيءَ اچي هن جي من ۾ واسو ڪيو، خدا جي لاءِ سوچيل باغي خيال هن جي خوشيءَ جي طرفان سان اڏامي ويا، ڏاتوءَ هٿ بلند ڪري خدا کان پنهنجي گمراهيءَ جي معافي ورتي، بادل آهستي آهستي سڄي آسمان ۾ پکڙجي ويا، هر طرف بهار جي شام جهڙو منظر ڪرُ ڪٽي ٻيهي رهيو، ناسي پهاڙ جن تي پهريون اس جو عزرائيل سوار هيو، هاڻي ڄڻ انهن ۾ روح جي گردش شروع ٿي وئي، ڏاتوءَ جي اکيان پنهنجي قوم جا مرڪندڙ مُک ڦري ويا، ننڍا ننڍا معصوم ٻار نظر آيا، جيڪي برسات جي بوندن ۾ پنهنجا سڙيل سڪل اگهاڙا ڍانچا ڪڍي وهنجي رهيا هيا، خوشيءَ مان ٽپا ڏيئي ڪيڏي رهيا هيا.” چاڻ مينهن وسيو، چاڻ مينهن وسيو، خدا تنهنجا لک شڪرانا، خدا تون عظيم آهن.” وادين مان ڄڻ آواز اچڻ لڳا، ڪارا رُمُ آسمان مان مينهن وسائڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي ٻيهي رهيا.

دنيا جي هر شيءِ ڄڻ ساهہ روڪي ان گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي، جڏهن مينهن جي پهرين بوند پوندي ۽ هر ڪا شيءِ وڏو واڪو ڏيئي جاڳي پوندي، هر انگ ۾ مستي سمائجي ويندي ۽ پوءِ لڳاتار بوندون وسڻ شروع ٿي وينديون، ڇڻ ڇڻ ٿي ويندي، چلهہ مٿان لاٽل تئي تي پاٽيءَ جيان هر ڪنهن شيءِ مان سوڪاٽ نڪري ويندا، ” مولا جلدي مينهن وساءِ.... مولا جلدي مينهن وساءِ....“ ڏاتوءَ جي اندر مان ڄڻ آواز نڪرڻ لڳا، پر اوچتو هڪ تيز هوا جو جهوٽو لڳو ۽ سڀ ڪڪر ڏاتوءَ جي اميدن جيان ڇڏي ٽڪر ٽڪر ٿي ويا! هر ڪنهن شيءِ اپو ساهہ ڪٽي آسمان ۾ڦهليل ذرا ذرا ٿيل ڪڪرن کي ڏٺو، هر ڪنهن جي حالت ان بڪايل پينو ٻار وانگر ٿي وئي، جنهن رلي پني مانيءَ جو ٽڪر هٿ ڪيو هجي ۽ ان کان ٻيو ڪو

ڏاڍو فقير چماٽ هڻي ڪسي ويو هجي ۽ ننڍڙو فقير جنهن پيٽ تي هٿ گهمائي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏاڍي فقير کي ويندي نهاريو هجي.
ڏاتوءَ کي هاڻي پڪ ٿي وئي ته قدرت هن سان مذاق ٿي ڪري، هن ڪان ڌرتيءَ تي رهڻ جو ڪرايو ٿي وصول ڪري، هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ تي ڏاڍا خار آيا، هن پاڻ کي هوائن تي اڏرندڙ ڪِول محسوس ڪيو، آخر هو ايڏو ڪمزور ڇو آهي ؟ هو ڪيترا ڏينهن پاڻيءَ چڪي لاءِ رنو آهي، خدا آڏو هن هڪ هنڌ ويهي دعائون گهريون آهن. پر هن کي محروم رکيو ويو اهي، آخر ان جو سبب ڇا آهي ؟ ڇا خدا اسان کي نه ٿو ڏئي، مقدر، تقدير، بخت، ڇا اهو سڀ ڪجهه بڪواس آهي؟ ڏانو خار مان اٿيو، هنجي رڳ رڳ جوش سان ٽمٽار هئي، هن اٿڻ سان هڪ وڏي پٿر کي پنهنجي هٿن ۾ بلند ڪري هيٺ پٿر ڀالي زمين تي هنيو، هڪ وڏو ٺماڪو ٿيو ۽ پٿر ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي ويو، ڏاتو صفا چريو ٿي ويو هيو، هن کي دنيا جي ڪا به خبر نه ٿي پئي، هڪ دفعو وري هن وڏو پٿر کڻي زمين تي ٺڪاءَ ڪرايو ۽ پوءِ ديوانن وانگر هو هڪڙا پٿر کڻندو رهيو ته هڪڙا هڻندو رهيو، تان جو زمين مان پاڻي رسجي نڪتو، ڏاتوءَ ان کي به قدرت جو مذاق سمجهيو ۽ هن جي عمل ۾ شدت اچي وئي، ڏاتو چرين وانگر پهاڙن سان ڪيسٽ ڪندو رهيو، هن جي ساهن ۾ حد درجي جي تيزي اچي وئي، وات مان گگ ڳڙڻ لڳس، جڏهن هو ٿڪو ته هڪ پهاڙ جو سهارو وٺي ويهي رهيو هيو، جڏهن هن کي ڪجهه هوش آيو ته هن ڏٺو، مسلسل پٿرن لڳڻ واريءَ جاءِ تان واقعي پاڻي ٻڙ ٻڙ ڪري رسجي رهيو آهي، ڏاتوءَ کي يقين نه آيو پر هن اڳتي وڌي، آگر سان ان پاڻيءَ کي ڇهيو ته ڄڻ هن جي آگر کي ڏنڀ اچي ويو، ٿڌو برف جهڙو پاڻي! ڏاتوءَ جي چپن تي هڪ غمگين مرڪ اچي وئي، هن کي اعتبار نه پئي آيو آخر اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو، پر پوءِ هن جون نظرون پنهنجي هٿن تي اڀريل ڳاڙهين لڦن تي وڃي ڄميون هن کي پنهنجو ماضي هڪ گندي گار محسوس ٿيو، هن کي قدرت، آهون، مقدر، بخت، قسمت سڀ بڪواس محسوس ٿيا، هن هڪ دفعو وري ڳاڙهن لڦن کي چميو ۽ وڏا وڏا پهاڙي پٿر کڻي هو پاڻيءَ واري جاءِ تي هڻندو رهيو، پٿريالي زمين ٽنڻ ڪري، پاڻيءَ جو وهڪر تيز ٿي نهر جي صورت ۾ وهندو اڳتي وڌڻ لڳو، ڏاتوءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، چپن تي مرڪ ڇائنجي وئي، هو تيزيءَ سان چشمي جو منهن ويڪرو ڪندو رهيو، پاڻيءَ جي ندي جيڪا هن جي بستيءَ جو رخ ڪري وهي رهي هئي.

# امن جي نالي

جيئن جيئن رات گهري ٿيندي وئي تيئن سرديءَ ۾ به واڌارو اچي ويو، هو ان وقت پنهنجي ڪيمپ ۾ ڊاڪٽر سان گڏ ويٺو هيو، هن جي ڪيمپ محاذ کان اٽڪل نوَ ميل پري هئي، جنهن ۾ ٻئي فوجي سامان سان گڏ ڪارتوسن ۽ بندوقن جو به وڏو ذخيرو موجود هيو، ان جو هو محافظ هيو، ان وقت هو هڪ عجيب قسم جي بي چينيءَ ڪي دٻائي ڊاڪٽر سان ها ۾ ها ملائي رهيو هيو، ڊاڪٽر ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين گرم ڪپڙن ۾ ملبوس هيو ۽ فوجي پنهنجن مخصوص گرم ڪپڙن ۾ چيڙهيل وارن ڪري ائين لڳي رهيو هيو جيئن هن ڪي ڪنهن دسي مار ڏني هجي. سردي هن ڪي جسم تي ڪيولين جيان گهمندي محسوس ٿي رهي هئي، هن وٽ ويڙهڻ لاءِ ڪجهه به نه هيو، بسترو به نه هيو، جيڪو ڄاڻي واڻي هن کي ان لاءِ نه ڏنو ويو هيو ته جيئن هو رات جاڳي گذاري ۽ هٿيارن جي پوري طرح حفاظت ڪري سگهي، هو پنهنجي ڏڪٽيءَ کي قابو ڪري پر سڪون ٿيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هيو، رڪي رڪي محاذ تان وڏن ڌماڪن جو آواز آيو ۽ ان مان گڏ ٽينڪن ۽ بندوقن جا آواز هنن کي پاڻ کان ڪجهه فاصلو پري ٻڌڻ ۾ آيا، هو ٻئي پر سڪون هيا، ڇڻ انهن اهي ڌماڪا ٻڌا ئي نه هجن، پر فوجيءَ جي جسم ۾ ڏڪٽيءَ بدران جوش جي لهر اپري هن جي نويل ڪنڌي کي سڌو ڪري ڇڏيو، ” ڇئبو انهن حملو ڪري ڏنو ؟“ ڊاڪٽر اداس آواز ۾ چيو.

”انهن نئين حملي جي تياري ڇا وري شروع ڪري ڏني هئي.“ فوجيءَ چيو ۽ هن جون سوچون ڌماڪن ڏانهن ڪڇي ويون، جيڪي آهستي آهستي ڪيمپ ڏانهن وڌي رهيا هيا.

”مونکي ان حملي جي تياريءَ جي خبر منجهند ئي وئي هئي“. ڊاڪٽر چيو ” جڏهن مان محاذ تي پنهنجي ڪم ۾ مصروف هوس“.

”اڄ پندرهون ڏينهن آ.... اڃا تائين ڪو ڪڙ تيل ڪو نه نڪتو....“ فوجيءَ جذباتي ٿيندي پنهنجا هٿ مهٽيندي چيو ، ” ڪڏهن اسان جون فوجون اڳتي آهن ته ڪڏهن هنن جون. ٻڌو آ اسان وٽ به نون حملن جون تياريون شروع ٿي ويون آهن.؟“

”ها....“ ڊاڪٽر چيو ” اهو ته لازمي آ.“

هو ٻئي خاموش ٿي ويا ڌماڪن جو آواز هنن ڏانهن وڌندي وڌندي شايد هڪ هنڌ ڄمي بيهي

رهيو، فوجيءَ جي بدن جو سڄو سيءَ جوش جي گرميءَ سان غائب ٿي ويو ۽ هن جي جسم ۾قوت پرجي آئي ڊاڪٽر اجان به پرسڪون هيو.

”توکي خبر آ، جنگيون ڇو لڳنديون آهن؟“ ڊاڪٽر پڇيو،

”بس مون کي ته اها ئي خبر آ، وطن جو بچاءُ ڪندي ڪڏهن جان به ڏيڻي پوندي آ“.

” ها واقعي ئي تو صحيح آن “ ڊاڪٽر چيو ” انسان جوهر رد عمل هنجي موت خلاف جدوجهد آ.“

فوجيءَ ڪنڌ کي ها ۾ لوڏيو.

ڊاڪٽر جڏهن به هن سان کي منجهيل جملا ڳالهائيندو هيو ته هن وٽ بيزاريءَ جي احساس کي دٻائي، ڪنڌ لوڏڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه هوندو هيو، هن کي ڊاڪٽر جي واتان ئي خبر پئي هئي ته هن جو وڏو مطالعو آهي، جنگ کان اڳ هن جو وڏو مشغلو ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ هوندو هيو، ڊاڪٽر جڏهن به پنهنجي باڪس هٿ ۾ ڪري محاذ کان موٽيندو هيو ته پهريون هن جي ڪيمپ جو رخ ڪندو هيو، ۽ جڏهن به هنجي پسند جي گفتگو نڪرندي هئي ته هو ڇڻ پلٽجي پوندو هيو، دل کولي ڳالهائيندو هيو.

”تون ڏس نه .... “ ڊاڪٽر هميشه وانگر جذباتي ٿيندي گفتگو کي وڌايو، ”دشمن جي ملڪ تي حملي سان نه رڳو ٻين جي وجود کي خطرو محسوس ٿيو، پر تنهنجي کي به ٿيو ۽ ان جي رد عمل ۾ تون پنهنجي وجود جي حفاظت ڪرڻ لاءِ محاذ تي هليو آئين.“ پوءِ هن پنهنجي ليکي پڪو ڪائي بدليل لهجي ۾ چيو ، ” اها ٻي ڳالهه آهي ته انسان ڪڏهن موت جو مقابلو به موت سان ڪندو آهي“.

”هون ..... هون....“ فوجيءَ چيو، پر هن جو ڌيان محاذ مان ايندڙ ڌڪامن جي آوازن ۾ ڪتل هيو، شايد مخالفن جو حملو پوري طاقت سان روڪيو ويو هيو، فوجيءَ جي جسم ۾ هاڻي ساڳيو جوش نه رهيو، هڪ دفعو وري رات سان گڏ وڌندڙ ٿڌ هن جي ورديءَ مان گهڙي جسم ۾ ڏڪڻي پيدا ڪرڻ لڳي ۽ هو ان کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ڊاڪٽر ڳالهائيندي ڳالهائيندي محسوس ڪيو ته فوجي سرديءَ کان ٿورو ڌڪي رهيو آهي.

”توکي سردي محسوس ٿي ٿئي، لازمي تون جسم کي گرم رکڻ جي ڪوشش ڪندين، ته اهڙيءَ طرح منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته انسان جو هر رد عمل هنجي موت خلاف جدوجهد آهي، انسان هن دنيا ۾ صرف موت سان مقابلو ڪرڻ آيو آهي ۽ هر انسان آخر موت کان شڪست کاڌي آهي، يقين ڪر پيارا جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ تون زندگيءَ تي سوچين ته پيءُ ٽيڻ جي تمنا تنهنجي سيني ۾ چڙهيون هٽي هٽي مري وڃي،

هر ماءُ ٻار کي ڄڻي ماري ڇڏي، آخر ڪار ڇو نه.. حياتي پاڻ کي برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ۽ آخر موت هٿان شڪست، موت ڪانپوءِ آهي ئي ڇا؟ جو انجي سهاري زندگي گذاري ڇڏجي...“

ڊاڪٽر پنهنجي ليکي وقلندو ويو ۽ فوجيءَ جون اکيون هن ڏانهن هجڻ جي باوجود به ذهن محاذ ڏانهن مائل هيو، جتان ڌماڪن جا آواز هاڻي ابترا ڇٽا نه ٻڌجي رهيا هيا، فوجيءَ پنهنجي جسم ۾ ڏکٽي محسوس ڪئي ۽ هو بلڪل ڏکڻ لڳو.

”آس پاس جي اثر ۽ احساس جي ڪري جسم جو رد عمل زندگيءَ کي برقرار رکڻ جو قدرتي ذريعو آهي.“ ڊاڪٽر ڳالهائيندو ويو، ” تنهنجو ڏکڻ توکي ٻڌائي رهيو آهي ته، سردي آهي مونکي گرم رک، ساڳي ئي وقت توکي جو ڪجهه محسوس ٿئي ٿو اهو احساس چاهي ڪيترو به عذاب ڏيندڙ ڇو نه هجي، تنهنجي حق ۾ آهي، سواءِ انهن احساسن جي جن کي انسان زوريءَ ذهن ۾ سمائي ٿو،جيڪي فطر تي نه پر هٽ ٺوڪيا آهن، پنهنجو پاڻ پيدا ٿيندڙ نه، زوريءَ پيدا ڪيل آهن جيئن برتريءَ جو احساس. بدامنيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب به اهو ئي آهي ته انسان پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ سمجهي، امن قائم ٿيندو، جڏهن ذهني ارتقا عروج تي پهچندي ۽ انساني وحشي پڻونفسياتي طرح ختم ٿي ويندي“.

ڌماڪن جا آواز ڪيمپ کان ڪافي ڏور ٿي چڪا هيا، سيءَ کان فوجيءَ جي چيلهه ٻاهر نڪري آئي ۽ هن جا ڪلها مٿي ٿي ويا، هن کي هاڻي ڊاڪٽر جي گفتگوءَ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ڪلاڪ کان مٿي ٽائيم گذري چڪو هيو ۽ اڃان ڊاڪٽر ساڳي جوش سان ڳالهائي رهيو هو.

”توکي ٻڌائي چڪو آهيان ته انسان جو هر رد عمل هن جي موت خلاف جدوجهد آهي ۽ انسان مان اڃان وحشي پڻو ختم ڪو نه ٿيو آهي ته موجوده حالتن ۾ امن قائم رکڻ جو اهو ئي طريقو آهي ته اهڙيون مخصوص حالتون پيدا ڪيون وڃن، جيئن انسان موت خلاف جدوجهد ڪندي امن کي اپنائي ويهي، جيئن مذهب جي ڪوڙ، انساني نفسيات ۽ وحشيپڻي کي سمجهيو ۽ انسان کي خوش فهميون ۽ دڙڪا ڏئي هڪ مخصوص واٽ تي هلائيندو آيو، ته امن کي اهڙين حالتن جو رخ ڏنو وڃي جيئن اهي حالتون انساني زندگي جي جدوجهد جو حصو بنجي پون“

”مثلا ڪهڙيون حالتون؟“ فوجيءَ ڪَرَ پيچي اوٻاسي ڏيندي چيو.

ڊاڪٽر منجهي پيو.

ان کان اڳ جو ڊاڪٽر جواب ڏئي، ٻاهر ڪنهن گاڏيءَ جو آواز ٿيو ۽ هنن جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو، هڪ فوجي ڪيمپ جو پردو مٿي ڪري اندر داخل ٿيو ۽ هن ڊاڪٽر کي سلام

ڪيو.

”ڇا زخمي جنگي قيدين جي ڪيمپ ۾ ٽن ڇٽن جيتري جاءِ هوندي ؟“ هن چيو ۽ ڊاڪٽر پنهنجي سوچن کي گڏ ڪري ٿوري دير ڪانپوءِ وراڻيو، ” منهنجي خيال ۾ اتي ٻن قيدين جيتري جاءِ مس آهي...“ ڊاڪٽر خاموش ٿي ويو ۽ وري هن گفتگوءَ کي پاڻ ئي ڪنيو.

”توهان هيئن ڪيو ته زخمي ڪيمپ ۾ رکو ۽ هڪڙي کي هتي ئي ليٽائي ڇڏيو...“ ۽ پوءِ هن وري سامهون ويٺل فوجيءَ کي مخاطب ٿي چيو ” منهنجي خيال ۾ توکي ڪو اعتراض ڪو نه ٿيندو“ .

فوجيءَ زوريءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

”نه .... نه اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي... بيشڪ بيشڪ“ گاڏيءَ ۾ آيل فوجي هڪ زخمي جنگي قيديءَ کي اسٽريچر تي سمهاري ڪيمپ ۾ رکي هليا ويا، ويٺل فوجيءَ ڪاوڙ مان منهن ۾ گهنج وجهي ان دشمن فوج جي زخميءَ کي نهاريو، جيڪو هيٺ گلم تي بيهوش پيو هيو، جنهن جو سٽر ڪان هيٺ سڄو سوٽ رت ۾ آلو هيو، ان کي شايد ڄنگهه ۾ گولي لڳي هئي، فوجيءَ کي ڊاڪٽر تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، هن جي دل چاهيو ته هو ڊاڪٽر کي ڌڪا ڏي ڪيمپ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏي، پر هو سور پي ويو ۽ وڌندڙ ٿڌ ۾ ڏڪڻ لڳو.

زخمي جنگي قيدين جي ڪيمپ به هن جي ڪيمپ ڪان ٿورو پري ڊاڪٽر جي ڪيمپ جي بلڪل پڪ ۾ هئي، هي پهريون ئي واقعو ٿيو هيو جو زخمين جي ڪيمپ ڀرجي وڃڻ ڪري هڪڙي زخميءَ کي هن جي ڪيمپ ۾ رکيو ويو هيو، انهن زخمين کي چوويهن ڪلاڪن ۾ هڪ دفعو گڏ ڪري صبح سان شهر جي اسپتال ڏانهن اماڻيو ويندو هيو، ان عرصي ۾ ڪيمپ زخمين سان ڀرجي ويندي هئي ۽ ڪيترا فوجي وقت ڪان پهريون ئي ٿڌ ۾ ٺري مري ويندا هئا.

”هن کي ته بخار آهي...“ ڊاڪٽر بيهوش قيديءَ جي زخمي بدن کي ڇهندي چيو، ”ڏاڍو سخت بخار“. ان ڪانپوءِ هن باڪس کولي قيديءَ جي زخم تي مرهم هٽي پٽي وڙهيندي اڌ ۾ ڇڏيل تقرير کي وري شروع ڪيو” ته ها... مان توکي امن جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هوس“.

”ڇا جو امن ؟... بند ڪر بڪواس “. فوجيءَ ڀڄري ڀڄري نيٽ ڦاٽ ڪاڏو، ”پندرهن ڏينهن ڪان مٿو ئي ڪاٿي ويو آهين..... توکي خبر آهي مون انهن ڏينهن هڪ رات به ننڊ نه ڪئي آهي، مان ڪاٿي به دشمن کي ڏسندم ته ان جي سيني ۾ پنهنجي بندوق جي جيستائين سنگين نه هٽندم، مون کي چين نه ايندو، بس منهنجي لاءِ اهو ئي امن آهي“.

ڊاڪٽر بلڪل خاموش ٿي ويو، هن جي منهن ۾ رت ڀرجي آيو ۽ گهنجن هن جي منهن کي

بيچڙو ڪري ڇڏيو، هو فوجيءَ ڏي ڏسڻ ڪانسواءِ پٽي ڪندو رهيو. فوجي ڪجهه دير خاموشيءَ سان هلڪا هلڪا ساهه کڻي سهڪندو رهيو، سرديءَ سان گڏ جوش به هنجي ڏڪڻيءَ ۾ واڌارو آڻي ڇڏيو، هن ڪاوڙ ۾ زور سان ڳالهائيندي هڪ دفعو وري ڊاڪٽر کي چٽيو ”مان تو چوانءِ نه ڪر انجي پٽي.... نڪري وڃ منهنجي ڪيمپ مان.“

ڊاڪٽر قيديءَ جي پٽي مڪمل ڪري چڪو هيو فوجيءَ کي ڏسڻ کان سواءِ ئي باڪس بند ڪري ڪيمپ مان ٻاهر هليو ويو.

مخالف فوجن هڪ دفعو وري حملو ڪري ڏنو هيو، ڌماڪن جا آواز ڪيمپ کان ڪجهه فاصلو پري ٻڌجي رهيا هيا، فوجي ڊاڪٽر جي وڃڻ ڪانپوءِ بلڪل اڪيلو ويٺو هيو، جيئن جيئن ڌماڪن جا آواز هنجي ڪيمپ جي ويجهو ايندا ويا، هنجي ڏڪڻي گهٽجي وئي، هو نفرت سان بيهوش قيديءَ جي زرد منهن ۾ ڏسندو رهيو، هن جي من ۾ جوش پرجي آيو، هن چاهيو ته هو پنهنجي بندوق جي سنگين ان جي پيٽ ۾ گهپي ڇڏي، وقت گذرندو ويو، اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ فوجيءَ ائين محسوس ڪيو جيئن جنگ هنجي ڪيمپ جي بلڪل ٻاهران هلندي هجي، ڌماڪن جي آوازن کان هن جا ڪن ڦاٽجڻ لڳا، هو بلڪل هوشيار ٿي ويو، هن پنهنجي جان ۾ فوت محسوس ڪئي، سيءَ کان هيٺ جهڪيل جسم سڌو ٿي ويو ۽ هو بندوق کڻي ڪيمپ کان ٻاهر نڪري آيو، هڪ ميل پري هر طرف ڌماڪن سان گولا ۽ باهه جا الا بلند ٿي رهيا هيا، هن ڪيمپ کان ٻاهر مورچي ۾ پوزيشن سنڀالي، هاڻي جنگ هن کان اڌ ميل پري هئي، ٽينڪن جا گولا محاذ کان بلند ٿي هن جي آس پاس ڪري رهيا هيا، فوجيءَ پنهن نرڙ تي سنها سنها قطرا محسوس ڪيا، هن جا هٿ بندوق ۾ سڪ هيا، فوجون جڏهن هن کان ٻن فرلانگن جي فاصلي تي پهتيون ته هن ڪان پگهر وهي نڪتو ۽ هو فائرنگ لاءِ بلڪل تيار ٿي ويو.

اوچتو زبردست ڌماڪن جا آواز ٿيا، چڻ هڪ وڏي جنگ ڇڙي پئي هجي، هر طرف باهه ئي باهه ڦهلجي وئي، هو مورچي ۾ اندر ٿي ويو ۽ جڏهن هن مورچي کان ٻاهر نهاريو ته دشمن جي فوجن پوئتي هٽڻ شروع ڪري ڏنو هيو، انهن تي زبردست حملو ڪيو ويو هيو، فوجي ساٿي پوزيشن ۾ هيو، ٿوري دير کان پوءِ جنگ آهستي آهستي هن جي ڪيمپ کان پري هٽندي وئي، هڪ دفعو وري ٽڏ هن تي باهه جيان حملو ڪيو، جيئن هو لوهي ٽينڪ ۾ويڙهيل هجي ۽ ان کي چوڌاري ڪنهن باهه ڏني هجي، هن جو پگهر هڪڙي گهڙيءَ ۾ سڪي ويو، هن جو جوش بلڪل ٺڏو ٿي ويو ۽ آهستي آهستي هن ائين محسوس ڪيو جيئن هو برف جي قبر ۾ دفن ٿيندو وڃي، هو بي انتها ڏکڻ لڳو هن کي پاڻ تي خارج تعجب آيو، هو

تڪڙو تڪڙو ڪيمپ ۾ موٽي آيو ۽ چرين وانگر هيٺ قلابازيون ڪائڻ لڳو، هن ٻانهن ڪي سيني سان ڀڏي زور ڏنو، هن جا ڪلها متي ٿي ويا، ڪُڇ ٻاهر نڪري آئي هن ڪي سمجهه ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪري سرديءَ ڪان جان ڪيئن ڇڏائي، هن بي هوش قيديءَ ڏانهن نهاريو ۽ خبر نہ هن ڇا سوچي هن جي جسم ڪي هٿن ۾ وٺي جهنجهوڙڻ شروع ڪري ڏنو، هن ڪي قيديءَ جي بي هوشيءَ تي چڙ ڪاوڙ آئي، هن هيٺ پيل بندوق جي سنگين ڏانهن نهاريو، ڪجهہ سوچي ڪيمپ ڪان ٻاهر آيو ۽ هن ڊاڪٽر جي ڪيمپ جو رخ ڪيو، ڪيمپ ۾ اندر مڪمل اوندهہ هئي هن پردي وٽ بيهي ڪناٽڻ شروع ڪيو اندران ڊاڪٽر جي گهونگرن جو آواز اچي رهيو هيو، هو موٽي ڪيمپ جي دروازي تي آيو ۽ نظر ڦيري چئني پاسن ڏانهن نهاريو، اتي ڪوئي بہ ڪو نہ هيو، ٻاهہ جا الا ڪافي اڳتي وڌي چڪا هيا، هو اطمينان سان ڪيمپ ۾ گهڙي آهستي آهستي زخمي جي مٿان آيو ۽ هن ان جي هٿن ڪي پنهنجي هٿن ۾ وٺي زور ڏنو، اهي حد ڪان وڌيڪ گرم هيا ۽ ان ڪان پوءِ هن قيدي ڪي پنهنجي ٻانهن ۾ سمائي ڇاتي سان لائي ڇڏيو، پندرهن راتين ڪان اوجاڳو ڪندڙ فوجيءَ ڪي اهڙي تہ ننڊ اچي وئي جو هو هلندڙ جنگ ڪان بہ بي پرواهہ ٿي ويو.

# انسانيتِ دونھوءَ لاش

”انسانيت لاش آهي.“ هن کي اندر مان آواز آيو ”پر ان جو روح مان آهيان.“ هن پنهنجي اندر کي جواب ڏنو.
”پوءِ انسانيت مئل ڇو آهي.“
ڇو جو مان ان کان الڳ آهيان
هو پنهنجي اندر سان بحث ڪندو اڳتي وڌندو رهيو. هو ڊاڪٽر هو ۽ هن کي جنگ جي ميدان ۾ زخمين جو علاج ڪندي اڄ پورا ٻه مهينا گذري چڪا هيا، جنگ اڃا پنهنجي عروج تي هئي، هن جي ملڪ جي فوج دشمن جا سپاهي ماريندي، انهن کي ڌڪيندي ڪافي اڳتي هٽائي وئي هئي ۽ هاڻي پوئتي ڇڏيل ميدان ۾ سواءِ مٽي ۽ دونهي جي غبارن ۾ ويڙهيل لاشن، پڳل ٽئنڪن ۽ جهازن جي ڍانچن کان سواءِ ڪجهه به نه هيو، ڊاڪٽر انسان جي ان ڪردار تي حيران هيو، هن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته آخرڪار هو هڪ ٻئي جو خون ڇو ٿا وهائين، هو سڀ انسان آهن. ته پوءِ هي نفرت ڇا جي ؟ هي جنگ ڇا جي، هڪ طاقتور ڌر انسان جي ٻي ڪمزور ڌر تي حملو ڪري پنهنجي ڇري هجڻ جو ثبوت ڪيئن ٿي ڏئي، آخرڪار جنگ ڪرڻ لاءِ ٻيا به ته محاذ آهن، مفسلي جي جنگ اندر سان جنگ، براين ۽ سماج جي ناسورن سان جنگ. هيءَ انسان جي انسان سان جنگ ڇو ؟ ڊاڪٽر سوچيندو ۽ زخمين جو علاج ڪندو اڳتي وڌندو رهيو.
”منهنجي خيال ۾ انسانيت بندوق جي نالي آهي.“
هن کي اندر مان آواز آيو.
”نه، انسانيت بندوق جي لبلبي آهي.“ ڊاڪٽر اندر کي جواب ڏنو، ”جيڪا جڏهن اڳتي آهي ته انسان محفوظ آهي، پر جڏهن آڱر سان ان کي پٺتي ڇڪيو ٿو وڃي ته ڌماڪي سان گڏ انسان به رت وهائيندو پٽ تي ٿو اچي ڪري .“
”تون ڪوڙو آهين، بارودي سرنگهه آهين پاڻ به ڦاٽنديون ۽ ٻين کي به تباهه ڪندين، مان ٿو چوان انسانيت بڪواس آهي، ڪوڙ آهي. “
پنهنجي اندر جي ڳالهه تي ڊاڪٽر کان ٽهڪ نڪري ويا ۽ هو پيٽ تي هٿ رکي گوڏن ڀر ٽهڪن ۾ منجهي ويو، ٿورو پريان هڪ جهاز سيٽيون وڄائيندو آيو ۽ ان ئي مهل هڪ وڏو

ڌماڪو ٿيو، ڌڌڙ سان گڏ هوا ۾ دونهي جو غبار بارود جي ڌپ سان ٺهڪ ڏيندڙ ڊاڪٽر جي ساهن ۾ شامل ٿي ويو. هن جا ٺهڪ کنگهه ۾ بدلجي ويا، هو ايڏو ته زور سان کنگهڻ لڳو جو ان جي ڇڪ کان سندس ڇيلهه جا پاسا سوڙها ٿ ويکرا ٿيڻ لڳا. جڏهن ڪجهه کنگهه ڍري ٿيس ته هن هڪ اونهو ساهه کڻي ميري ٻانهن اکين تي گهمائي انهن مان پاڻي صاف ڪيو ۽ اڳتي وڌي ويو.

اولهائين محاذ تي هر طرف کان باهه جا الا ۽ دونهي جي غبارن سان گڏ ڌماڪن جا آواز ڌرتي کي ڌوڏي رهيا هيا، پريان ٻه جهاز هڪ ٻئي تي گوليون وسائيندا ابتيون سبتيون ڦيراٽيون پائيندا ڊاڪٽر جي مٿان سرڙاٽ ڪندا اوجهل ٿي ويا.

”يلا انسانيت جهاز آهي.“ هڪ دفعو وري سندس اندر مان آواز آيو.

”نه.“ ڊاڪٽر اندر کي جواب ڏنو، ”انسانيت جهاز جي ٽانڪي ۾ پيٽرول آهي.“

”ڇئبو انسانيت نيپام بم آهي.“

”ها واقعي نيپام بم آهي.“ ڊاڪٽر پنهنجي منهن ورائيو، ”پر اهو اجا استعمال نه ٿيو آهي اهو هڪ بم پوري نفرت جي ديوار کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندو، پوءِ ڪا به جنگ نه لڳندي، ڪو به انسان نه مرندو، دشمن جو لفظ تباهه ٿيل نفرت مان دونهي جو روپ ڌاري ڌرتي تان اڏري ويندو، هميشه لاءِ.“

”پر اهو ڪڏهن استعمال ٿيندو؟“

اندر مان آواز اڀريس ”جڏهن تون مون سان ساٿ ڏيندين.“

”ناممڪن آهي.“ اندر ڇيس

ڊاڪٽر خود اعتمادي سان اڳتي وڌي ويو.

”منهنجي خيال ۾ انسانيت ٻن ملڪن جي وچ ۾ ٺاهيل بارڊر لائين آهي، جيڪا انهن کي ڳنڍيون بيٺي آهي.“ هڪ دفعو وري اندر ڳالهايس.

”نه.“ ڊاڪٽر چيو ”بارڊر بي عقلي آهي، انسانيت سمنڊ جيان آهي ۽ انسان ڌرتي جيان. سمنڊ اڌ کٽ ڌرتي کي ملائيندڙ بهترين ذريعو آهي.“

”تنهنجي مٿي ۾ دماغ بدران ڪلوروفارم پريل آهي، تون ٿيڏو توبچي آهين.“ هن پنهنجي اندر کي جواب ڏنو.

”توکي مچڻو پوندو.“

”ڇا؟“

”انسانيت سنگين ۾ ٽنبيل معصوم ٻار جي منڊي آهي.“

”نہ ، انسانيت معصوم ٻار جو ٽهڪ آهي“
”بڪواس آهي، اندر چيس، انسانيت گدلي ٻار جي گِگ آهي.“
”مان ٿو چوان انسانيت ٻار جي معصوم سوچ آهي، وڙهڻ وري اتي ئي ڪلي ڪيڏڻ.“
هن جي اندر ڪي چپ نہ آئي ۽ هو هن سان جنگ ڪندو رهيو.
”يلا انسانيت ٻانيڻ جي چوٽي آهي.“
”نہ، انسانيت چوٽيءَ لاءِ ڪينچي آهي.“
“يلا انسانيت ملان جي ڏاڙهي آهي.”
“نہ، انسانيت صابڻ ۽ پاڪي آهي.”
“تنهنجو دماغ خالي بندوق آهي.”
“تنهنجو سوچون دونهي ۾ مليل انسان جي سڙيل گوشت جي ڏپ جهڙيون آهن.”
“تون جاهل آهين، ڪمينو آهين، زندگي ڪان مار ڪائيندين.”
“تون پيٽرول جي ٽانڪي ۾ باهہ لڳل جهاز جي پائلٽ جهڙو آهين، ٿوري دير ۾ تباهہ ٿي ويندين.”
ڊاڪٽر پنهنجي اندر سان زبردست بحث ۾ ئي هو تہ هن جي ڪنن تي ڪنهن انسان جي ڌيمي ڌيمي دانهن جو آواز پيو. هو هر ڳالهہ کي نظر انداز ڪري انهن آهن ڏانهن متوجہ ٿي ويو، جيڪي ٿورو پري دونهي جي غبارن ۾ لڪل مورچن جي پرسان اچي رهيون هيون، هن پنهنجي پيتي سنڀالي ۽ آهستي آهستي وکون کڻندو هٽ سان دونهي کي پاسي ڪندو اوڏانهن وڌي ويو، هن ڏٺو تہ اتي هڪ سپاهي پنهنجي ڄنگهہ کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي زمين تي تڪليف ڪان ليٽڙيون پائي رهيو هو، ڊاڪٽر ويجهو پهچي ان جو جائزو ورتو، اهو هن جي دشمن فوج جو سپاهي هيو، هن ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ پنهنجو باڪس کولي ان مان مرهم ٻاهر ڪيڻ لڳو، هڪ دفعو وري ان کي اندر مان آواز آيو، ”ڏس چڱو ٿو چوانءِ جيئڻ سک.“
“انسانيت ڊاڪٽر آهي.” هن باڪس مان اڇيون پٽيون ۽ مرهم ٻاهر ڪيندي چيو “۽ ڊاڪٽر جي زندگي مرهم آهي، جيڪا جيڪڏهن ڪنهن جي زخم ۾ جذب ٿي ان کي شفاياب ٿي ڪري تہ ان جهڙو ڪو بہ جيئڻ نہ آهي، اها زندگي امر آهي.”
“مرهم تون جيان گونگي آهي.” اندر وراڻيس “ان کي دشمن ۽ سڄڻ جي ڪا بہ سڃاڻ نہ آهي، احتجاج نہ آهي.”
”تہ پوءِ مون کي اهڙي زندگي قبول آهي، جنهن ۾ مرهم جيان دشمن جي زخم تي قربان ٿيندي احتجاج نہ هجي.“

ڊاڪٽر پنهنجي اندر کي جواب ڏئي زخمي جي اڌ پٽي اڃا پوري ئي ڪري رهيو هيو تہ اوچتو زور سان ڳڙپ ڪري هڪڙي سنگين هن جي وردي کي ڦاڙيندي پيٽ ۾ گهڙي وئي، ايذاءَ ۽ تڪليف کان هن جي جان مان ڏرڙيون نڪري سڄي جسم تان ڪول جيان گهمنديون منهن ۽ نڪ وٽ اچي ختم ٿي ويو، هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو، هن پنهنجي قاتل کي ڏسڻ چاهيو، پر لڙڪن پنيان هن کي هلڪي ڌنڌ کان سواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو.

ٿوري دير ۾ سنگين سٽ مان هن جي پيٽ مان نڪري ويئي ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها هيٺ ڪري پيا، ڊاڪٽر جي اکيان ڌنڌلو منظر چٽو ٿي بيهي رهيو، هن ڏٺو ساڳيو دشمن فوج جو سپاهي جنهن جي هو مرهم پٽي ڪري رهيو هو، سنگين کي مٿي ڪري ٻئي وار ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي، اهو منظر ڏسي هن مرڪڻ چاهيو، پر هن جي مرڪ چنگهہ ۾ بدلجي وئي.

“بيهہ، دوست بيهہ.” ڊاڪٽر هڪ هٿ پيٽ کي ڏئي ٻئي سان هن کي روڪيندي چيو ، “تون مون کي خوشي مان ماري ڇڏجان، پر مرڻ کان اڳ مان تنهنجي اڌ ۾ رهيل پٽي تہ مڪمل ڪري وٺان.”

ڊاڪٽر تڪليف ۾ مرندي هن جي زخم جي ويجهو آيو ۽ سپاهي سنگين سڌي ڪري هن جي مٿان بيهي رهيو.

“انسانيت لاش آهي”، هن جي اندر مان آواز آيو.

“پر ان جو روح مان آهيان”، هن اندر کي جواب ڏنو.

“پوءِ انسانيت مئل ڇو آهي ؟”

“ڇو جو مان ان کان الڳ آهيان.”

# بستيون ۽ پستيون

ننڍڙا ٻار ور ور ڪري ڊوڙندي تي ويٺل ڳجهن ۽ ڪانون ڪي پٿر هڻي رهيا هئا، ڳجهون ۽ ڪان هڪ شور مچائيندي اڏريا ٿي ۽ بستي جي مٿان هڪڙو گول چڪر لڳائي وري وڃي ڊوڙندي جي ڀئي پاسي ڪان ٿي ويٺا اهو ٿي هيو انهن جي سڄي ڏينهن جو مشغلو يا ته هو شهر ۾ رلندا پنندا هيا يا ڊوڙندي جي ڀئي پاسي ڪاهي ۾ جتي اجا گند نه پريو ويو هيو، سڄو ڏينهن جوئا ڪيڏندا هيا، ٿوري ٿوري ڳالهه تي سروٽا هڻي هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙڻ ڪان به ڪين ڪيٻائيندا هيا، ٻارن جي جهڳڙي جي ڪري ڪيترا دفعا وڏن جو به جهڳڙو ٿي پيو هيو، باقي ڪاهي جي پريان ڪني پاڻي جي ڍٻڻ هئي، جنهن ۾ سڄي شهر جو پاڻي اچي گڏ ٿيندو هيو ۽ ڍٻڻ جي بلڪل اولهه ۾ ڏکها ڪجي جا وڻ هيا جن مان اونهاري ۾ سڄي بستي جا ٻار پٿر هڻي سڪ ڏوڪا لاهي ڪائيندا هيا، بستي به ڇا هئي به چار فقيرن جا خيما هيا ۽ انهن جي آس پاس مزدورن ۽ گاڏي وارن جا ڪجهه ڪچ سرا گهر جيڪي شهر ڪان ڏور پراٽي ڦاٽڪ جي پريان اڏيا ويا هيا، انهن جهوپن مان هڪڙو جهوپو پوڙهي خاندو جو به هيو اڇي ڪاري ڏاڙهي وارو لنگڙو خاندو، جيڪو سڄو ڏينهن شهر ۾ پني شام جو زندگي جو بار ڪڻي بستي ڏانهن موٽندو هيو ۽ اڄ به هو جڏهن ريل جون پٽڙيون اورانگهي ڦاٽڪ ڪان ٿيندو بستي ڪي ويجهو ٿيو ته ٽڪ ڪان هن جو ساهه نڪرڻ وارو ٿي هيو. گهوڙين تي ٺڙڪ ٺڪ ڪري هلندي هن ڪي ڪلاڪ ڪان مٿي ٽائيم گذري چڪو هيو ۽ ٻيو ته ڪستي ۽ ميري ڪوٽ جو وزن جن ۾ هن جون چتيون لڳل پراٽيون رنگ برنگي گودڙيون به شامل هيون پر انهن سيني ڪان وڏيڪ گهوڙين تي هن جو پنهنجو بوج. هو ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو هيو زندگي به ڇا آهي ؟ ڪني پاڻي جي ڍٻڻ مان اٿندڙ بدبو آهي، جنهن ڪي خبر نه آهي نفس ڪيئن ٿو پسند ڪري، بستي ڏي وڌندي هن نظرون ڪڻي چو طرف نهاريو، ڌنڌ مان ظاهر ٿيندڙ ننڍڙيون ننڍڙيون جهوپڙيون جن مان هلڪو هلڪو دونهو فضا ۾ ائين بلند ٿي رهيو هيو، جيئن ڪنهن جي اندر جا درد پڇري روح جو روپ ڌاري ٻاهر نڪتا هجن ۽ انهن جهوپن جي پرسان ڪني پاڻي جي ڍٻڻ لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ جي ڪري تازي هاريل رت جو ڍيڪ ٿي ڏنو، جنهن جي مٿان ڏکيون ڪجيون ڇڻ وار ڪولي ماتم ڪنديون هجن. هو بستيءَ ۾ گهڙيو ته ڊوڙندي تي ويٺل ڳجهون ۽ ڪانءَ آخري دفعو اڏاٽا ۽ لامارا ڏيندا گورنمينٽ ڪاليج ڏانهن گهر ٿي ويا، ٻه ٻار رستي تي ويهي هڪ ٻئي ڪي مٽي جا ٻڪ پري هڻي رهيا

هيا ۽ ٿو ٿو ڪري وات مان مٽي ڪڍندي پيار مان هڪ ٻئي کي گاريون ٿي ڏنائون، خانوءَ انهن کي ڪجهه نه چيو ۽ هو پاسو وٺي لنگهي ويو. بستي ۾ گهڙڻ سان ئي هن جي نظر راهو جي ماءُ تي پيئي، جيڪا پٽ جي خيمي جي ٻاهران اجان به روئي رهي هئي، هو جڏهن صبح شهر پنڻ لاءِ وڃي رهيو هيو ته هن ان کي ان ئي حالت ۾ ڇڏيو هيو ۽ هوءَ اجان به ائين ئي وڏي آواز سان پار ڪڍي پٽ کي پاراتا ڏيئي رهي هئي. هن کي اهڙي سياري ۾ پائڻ لاءِ هيو ئي ڇا ؟ ڦاٽل سٽڻ ۽ ميرو ڇاڪن وٽان ڇيريل چولو، جنهن جي ڍلي ڳچيءَ مان هن جا ڇيڙي جهڙا ارهه هميشهه پيا نظر ٿيندا هيا. ٿڌ جي ڪري هن جي نڪ مان گوبو وهي رهيو هيو. ۽ هو مسلسل ڍاڍيون ڪري روئي رهي هئي، خانوءَ راهو جو خيمو لتاڙيو ئي مس ته هن کي شبوءَ جو گڏهه گاڏو نظر آيو، جيڪو گهٽي مان مٽي اڏائيندو خيمن جي ٻئي پاسي ڏانهن گم ٿي ويو، هو هن بستي جو سڪيو ستابو ماڻهو ته هيو ان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪائڻ لاءِ پورو ساترو ملي ويندو هيو، باقي راهو هيو، شرابي راهو، جيڪو سڄو ڏينهن ڪاهي ۾ ويهي جوئا گرن ڪان نال اڳاڙيندو هيو، هو چاقو ڪولي زمين ۾ ڪوڙي ڇڏيندو هيو ۽ پاڻ مٽيءَ جي پنجوءَ کي ٽيڪ ڏيئي ٻيڙي جا سوٽا هڻندو هيو، جوئا گر هن کي هر داءَ تي نال ڏيندا هيا ان مان اڌ ته واپس هو جوئا ۾ ئي هارائي ڇڏيندو هيو باقي اڌ پئسن جو ڪيٽرو پي زال کي مار ڏيندو هيو، چاقو ڪولي گهٽي ۾ ٻيهي هر هڪ کي ڊيڪائي پوندو هيو، ۽ ايندڙ ويندڙ جي اکين ۾ اکيون وجهي لڳاتار نهاريندو رهندو هيو. خير نه آهي هن جو پنهنجي ڪراڙي ماءُ سان ڪهڙو وير هيو؟ ڪڏهن به ڪهڙي تهڙي ڳالهه تي ته هو هن کي اچن وارن ڪان وٺي ٻيهي ڪان ٻاهر ڳِهلي اهڙيون ته لتون وهائي ڪيندو هيو جو هن ۾ اٿي خيمي ۾ واپس وڃڻ جيتري سگهه به ڪو نه بچندي هئي. هو زال کي قسمين قسمين عذاب ڏيئي هڪ قسم جو جنسي آنت ماڻيندو هيو. هن جو ستن سالن جو پٽ هيو جنهن کي مٽي ڪان وٺي هيٺ تائين هڪڙو ئي ميرو چولو پاتل هوندو هو، جنهن مان هن جون گوڏن تائين ڊاپ ۾ پريل ڄنگهون هميشه پيون ظاهر ٿينديون هيون، راهو هن کي چوندو ئي ڪتيءَ جا پٽ هيو، هو هن کي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي چوندو هيو، "ڪتيءَ جا پٽ، جيڪڏهن اڄ وڏيڪ پئسا نه پني آئين ته شراب جي بوتل جو هڪ هڪ شيشو جسم ۾ گهيڙي ڇڏيندوسان."

هن جو پٽ هميشه ماٺ ۾ هن کي ڏسندو رهندو هيو ۽ نڪ ۾ آڱر ڦيرائي ڪنڌ کي ها ۾ لوڏيندو هيو. ان ڪانپوءِ هو سڄي شهر ۾ پنندو هيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو جوئا ۾ پيسا هارائي پيءُ وٽ ايندو ته پٽس ڳاڙهيون اکيون ڪري هن کان پڇندو هيو " اڙي گهٽا پسئا پني آئين ڪتي جا پٽ؟"

هو چپ هوندو هيو ۽ نڪ ۾ آڱر ڦيرائي ان کي ڏسندو رهندو هيو.
“چپ ڇو آهين ڙي ڪنجر؟”
ساڳي نڪ ۾ آڱر.
“ها ته سمجهي ويس”، پوءِ هو اٿندو هيو هن کي وارن کان وٺي بولاٽيون ڪارائي پٽ تي اڇليندو هيو، جنهن ڪان هن جون اکيون ويڪريون ٿي وينديون هيون پر هو رنو ڪڏهن به نه، هو صرف پيءُ جي اکين ۾ ڏسندو ئي رهندو هيو پٽس ماري ماري هن جي چمڙي اڊيڙي وجهندو هيو ۽ آخر پاڻ ئي مجبور ٿي چوندو هيو، “جيڪڏهن اڳتي پئسا نه آندئي ته ماري وجهندو مان ڪتيءَ جا پٽ.”
هو نڪ ۾ آڱر وجهي پيءُ کي ويندو ڏسندو هيو ۽ پوءِ ماڻس هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائي روئندي هئي، ڊاڍيون ڪري هن کي سيني سان لائي چمندي هئي، جڏهن هو وري پيءُ کي تمام گهڻا پئسا آڻي ڏيندو هيو ته پٽس هن کي خوشي مان چيلهه واري مڪ وهائي ڪيندو هيو، “شاباس ڪتي جا پٽ،” هڪ ٺهڪ ڏيندو هيو ۽ ڪنهن فلمي گاني جي ڌن چپن ۾ جهونگاريندو نشي ۾ لڙڪڙائيندو پڪي سڙڪ ڏانهن هليو ويندو هيو.
اها هئي انهن جي زندگي جي هڪجهڙائي جنهن کي مسلسل اپنائي اپنائي هو ان جا هيراڪ ٿي ويا هيا، نسل در نسل گندگين ۽ ظلمن ۾ پرورش پائيندي اهي شيون انهن جي زندگي جو حصو بڻجي ويون هيون انهن کي اها ئي خبر هئي ته جيئڻ اهو ئي آهي جيئڻ اسان جئون ٿا ۽ سڪ هيا جن تي هنن سوچيو به ڪو نه هيو.
رات مٿان اچي چڪي هئي، سردي ڄڻ دنيا کي گهٽو ڏئي گوڙ گهمسان کي دٻائي ڇڏيو، راهو جي ماءُ جون رڙيون پهريون کان وڌيڪ چٽيون ٿي ويون، خاندو پنهنجي خيمي ۾ پهچي چڪو هيو، هن ڏيئي جي وٽ کي روشن ڪري مٿي سوريو، گودڙين ۽ ڪستي کي لاهي مٿي پنجر ۾ ٽنگي ڇڏيو، باقي پراڻو ڪوٽ هن کي اجان به پاتل هيو جيڪو هن کي گوڏن تائين لڙڪي رهيو هيو. هن هٿ هٽي ڏاڙهي کي ڇنڊيو ۽ هيٺ وڇايل بستري تي لت ڏيئي ويهي رهيو. هن کي آس پاس هڪ عجيب بدبو محسوس ٿي. زندگي ڀر بدبو ۾ رهندي رهندي هن جي ذهن مان بدبو جو اثر ختم ٿي چڪو هيو، پر اڄ هن کي تمام تيز بدبوءِ محسوس ٿي رهي هئي. هو جهوپڙي کان ٻاهر آيو ۽ هن ڪني پاڻي جي ڍٻڻ جي آس پاس نظر ڦيرائي ڏٺو ڪجهه فاصلو پري سرمئي روشني ۾ هن کي ڪا مئل شي نظر آئي، هن نڪ کي هٿ ڏئي ويجهو وڃي ڏٺو، اهو ڪتي جو لاش هيو جنهن جي ڦاٽل پيٽ ۾ هزارين جيت چري پري رهيا هيا، هن جي ڄنگهن جو ماس پٽيل هيو، جيڪو شايد ڳجهون

۽ ڪانو ڪائي ويا هيا. هن ان ڪي اتان هٽائڻ به پسند نه ڪيو ۽ واپس اچي جهوپڙي ۾ ليٽي پيو هن ڪي ڪتي جي بدبو ڪان الٽي اچڻ لڳي ۽ هو بدبوءِ ڪان جاڳندو رهيو. رات گهري ٿي ته مڇرن به اچي بستي تي ڀرپور حملو ڪيو، هن ڪي پرسان واري جهوپڙي مان ٻار جي روئڻ جو آواز آيو ۽ ان ڪان پوءِ هاجران جو جيڪا ٻار ڪي پرچائي رهي هئي، ٻار رڙيون ڪري روئي هيو هيو ۽ ٿورڙي دير ڪانپوءِ هاجران جي مڙس اکوءَ ڳالهايو، جيڪو شايد زال ڪي گاريون ڏئي رهيو هيو، هاجران به هن سان بڪ بڪ ڪئي ۽ ٻئي زور سان ڳالهائيندا رهيا، خانوءَ بستري تي ڪر ورائي منهن ٻئي پاسي ڏانهن ڪري ڇڏيو، هو رڪي رڪي هٿ ڪي ڪن جي آس پاس هٽي رهيو هيو مڇر پون پون ڪندا هن جي سوڙ ۾ گهڙي آيا ۽ هن لت هٽي سوڙ ڪي پري ڪري ڇڏيو، ڪتي جي بدبو ڪان هن جو مٿو ڦاٽڻ لڳو ۽ هن الٽي ڪري ڏني هن جو روح خراب ٿي ويو ۽ هو بسترو ڪٽي جهوپڙي ڪان ٻاهر آيو هن سوچيو من هوا جي ڪري بدبوءِ گهٽجي وڃي پر هوا جي جهوٽن سان هن ڪي بدبوءِ جو احساس وڌيڪ ٿيڻ لڳو هن ڪي اوڪارا اچڻ لڳا، هن سوڙ ڪي منهن مٿان وجهي ڇڏيو، ٿوري دير ڪانپوءِ هن سوڙ ڪي پاسي ڪري ڏاڙهي ڪي ڪنهيو، راهوءَ جي ماءُ جي روئڻ جو آواز اڃان به اچي رهيو هيو. هن ڪي ان جي روئڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هن جي دل ۾ ان لاءِ موجود سڀ همدرديون ختم ٿي ويون، هن چپن ئي چپن ۾ هن ڪي گار ڏني. سٽ ڏيئي بستري تان اٿي جهوپڙي ۾ هليو ويو. هن گودڙي مان پريل سگريٽ ڪڍيو جيڪو هن صبح لاءِ بچائي رکيو هيو. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ ڪي دور ڪرڻ لاءِ هو شهر ۾ اڌي تان چرس پي پوءِ موٽندو هيو ۽ صبح جي لاءِ اڳواٽ ئي ورتيون ايندو هيو ڇو جو هن ڪي خبر هئي ته صبح جو چرس پيئڻ سان سڄي ڏينهن جي بڪ مري ويندي آهي، هن ٻاهر اچي سگريٽ ڪي چپن تائين آڻي دکايو ۽ هلڪا هلڪا ڪش هٽي مزي سان پيئڻ لڳو، هن دل ئي دل ۾ شهر وارن ڪي گار ڏني حرام زادن ڪي شرم ئي نه ٿو اچي، پوري شهر جي گندگي جا ڍڳ اسين رکوالا آهيون، ڪتي جا ڦر پنهنجي پيءُ ڪي به هتي ٽا اڇلي وڃن.

هن ڪي جيئن نشا چڙهندا ويا بدبو جو احساس گهٽبو ويو. اکوءَ ۽ هاجران خاموش ٿي ويا هيا پر انهن جي ٻارجي روئڻ جي آواز ۾ ٻين ٻارن جي روئڻ جا آواز به شامل ٿي ويا هيا، راهوءَ جي ماءُ جو روئڻ ۽ سڀ گوڙ گهمسان ملي ڪري هاٽي هن ڪي ڪو نه ستائي رهيا هيا. هن بدن ۽ دماغ ڪي ڍلو محسوس ڪيو ۽ بستري تي پاڻ ڪي ڇڏي ڏنو مڇر هن جي ڪنن پرسان پون پون ڪندا رهيا پر هن هٿ هٽي انهن ڪي هڪليو به نه.

بدبو ۽ گوڙ گهمسان هوندي به هو ننڊ جي وادين ۾ ڪوئجي ويو ۽ ان رات هن خواب ۾ ڏٺو

راهوءَ جي ماءُ روئندي روئندي مري ويئي آهي هن جي پيٽ ۾ جيت پئجي ويا آهن ڄنگهن جو ماس ڳجهون ۽ ڪان کائي ويا آهن، بدبو ڪان هن جو مٿو ڦاٽي رهيو آهي، رڪي رڪي اوڪارا اچي رهيا آهن هو ۽ بستي وارا لاش کي ٽنگا ٽولي ڪري شهر ۾ وڏين وڏين عمارتن جي وچ ۾ ٺهيل هڪڙي صاف سٿري چوسول تي اڇلي آيا آهن، هو ڏاڍا خوش آهن، بي انتها خوش.

## شينهن جو ٻچو

گهوڙن جي سنبن مان نڪرندڙ ٽاپ ٽاپ جا آواز مٽيءَ جي غبارن سان گڏ اٿندا سڄي وادي ۾ پکڙجي ويا، شهر کان ڏور هڪ واچوڙو، هڪ لڙاٽ جنهن جي پٺيان لڪل هن جو پروقار ڊوڙيندڙ لشڪر، گهوڙن جي هڻڪارن پٺيان لڪيل انسانيت تي ٺهڪ ميانن ۾ لڪيل تلوارن جي بي چين چمڪ.

گهوڙن جي اڳتي وڌڻ سان سنبن مان نڪرندڙ ٽاپ ٽاپ جا آواز وڌيڪ گهرا ٿي ويا، ڪائنات جي هر شي ڪنڌ کڻي ايندڙ وقت جو جائزو ورتو ۽ خوف کان ڏڪي هيٺ ڪنڌ ڪري لڪي پئي، شهر جي ماڻهن ايندڙ تيز واچوڙي کي نهاريو، ٽاپ ٽاپ جي آوازن کي ڪنائيندي هنن کان ڇرڪ نڪري ويا، اصلي جسم مان ست ئي نڪري وين، ڏڪڻي وٺي وين. نہ سوچڻ جي سگهہ نہ پڇڻ جي پچار، اوچتو هڪ ٻڍڙي رن کان دانهن نڪري وئي، ”گهوڙا ڙي، ڀاڄ ڙي، گهوڙا ڙي.“ هن جو وڃندڙ تلهو آواز آس پاس هر ڪنهن جي ڪن تي پيو. سيني لڙاٽ پويان تيزي سان وڌندڙ گهوڙن کي ڏٺو ۽ اچي شهر ۾ ڀاڄ پئي، ”ڀڄو ڀڄو، شينهن جي ٻچي حملو ڪيو آ، ڀڄو ڀڄو“ ماڻهن وٺي ڪڙين تي زور ڏنو، حملي جو پوءُ پنهنجي جان جو خطرو، پنهنجي ٻچن جي جان، گهر مال، اچي هر ڪنهن ۾ ڦڦڙي پئي، ڪير ڪنهن کي سڃاڻي؟ اصلي قيامت، وڏن جي لتن ۾ چيپاڄندڙ ننڍڙا ٻار، مائن جي هوءِ هوءِ ٻارن جون چيٽان، ڪو هيڏي ڀڄي تہ ڪو هوڏي ڀڄي. ماڻهن تي خوف جو زبردست حملو پاڻ ۾ ٽڪرائي ڪرن، وري اٿن، وري ڀڄن تان جو خبر نہ پئي تہ گهوڙن جي هڻڪار هنن جي مندين مٿان هئي، شينهن جي ٻچي پهچڻ سان ئي قتل عام جو حڪم ڏنو، مياڻن مان تلوارون نڪري ويون وٺ سٽ ٿي ويئي، تلوارن جي چمڪ لهوءَ هيٺان لڪجي وئي، ڪٽڪٽان لهو ۾ ٻوڙجي مٽي ڪڄندڙ تلوارن جا منهن ۾ پوندڙ ڇانداراِ، ڇڻ فتح جو جشن لشڪر جون همبوشيون، نيزن ۾ ٽنگيل منديون، ماڻهن ۾ ويتر ڦرڦوٽ، هيڏانهن ڇڏائجي هوڏانهن ڀڄن تہ اڳ ۾ ئي نيزو تيار، خبر نہ پوي تہ ٺڪاءَ اچي سيني ۾ ”هوءِ ڙي“ بس هڪ ئي آواز جيئن انسان جو وجود ان ئي آواز جو غلام هجي، هڻ هڻان جو دورو هلندو رهيو عجيب بدحواسي جنهن ۾ قاتل سڄي شهر جا ماڻهو ڏکن بہ تہ ڀڄن بہ بغير زمين ڌڏڻ جي زلزلو. معصوم عورتن جي وارن ۾ پوندڙ چنبا، هيٺ ڪريل معصوم ٻارن جي پٽن تي پوندڙ گهوڙن جا سنب، آندا گوندا ٻاهر بس هڪ چيٽ، هڪ احتجاج، انسانيت کي گهڙندڙ سنڪي مان ٻڏل تيز تير، لولا لنگڙا انسان، ڦتڪن بہ تہ گهمن بہ ،جسمن جي پٽ تي ڏب ڏب، هڪ ڪريو ئي نہ آهي تہ ٻيو اڳ ۾. هر طرف کان الله اڪبر جو نعرو لڳي ويو، حملہ آور رت ٻڏل تلوارون عرش ڏي بلند ڪري نعرا هڻندا رهيا، جو شيلا منهن اکين جا گول وڏا

گهيرا، منهن تي رت ڇندا نڪ ۾ نرڙ وٽ گهنج، ڪفر کي ختم ڪرڻ جو نئون نئون شوق اصل پاڻ ۾ ته دنيا کي سچو رستو ڏيکاريندا.

سج کي تير لڳو اولهه ۾ وڃي ڪريو، شينهن جي ٻچي نئون سج اڀارڻ لاءِ سڄي شهر کي وٺي باهه ڏياري، اصل ڏينهن ٿي ويو، زرد ڏينهن ڄڻ ته انسانيت جو سج اڀري آيو.

شينهن جي ٻچي بهادري سان سڄو شهر فتح ڪري رکيو، گهڻي دير هڻ هڻان هن کي هٽي ٽڪائي ڇڏيو. نيٺ لهوءَ ٻڏل تلوار سان ڪو جنت ڪٽڻ سولو ڪم ته نه آهي محنت ٿي ڪرڻي پوي.

اڄ کان ويهه سال اڳ شهزادي، شينهن جي ٻچي جي پيءُ شينهن پڻ ان شهر کي حملو ڪري فتح ڪيو هيو پر وقت سان گڏ اهو هن جي سلطنت کان ڇڏجي ڌار ٿي ويو ۽ اڄ شينهن جي ٻچي ان شهر کي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ زبردست حملو ڪري فتح ڪيو هيو، هن کي اوير طرفان اجان وڏيڪ حملا ڪرڻا هيا، اجان وڏيڪ ماڻهو مارڻا هيا.

خيما کوڙجي ويا، سپاهي باهه تي گوشت پڇڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ڪيترا سپاهي ٽوليون ٽوليون ٺاهي شرناين تي رقص ڪرڻ لڳا، هلڪا هلڪا دف ۽ ان سان گڏ ڇير جو ڇمڪو، جهنگل ۾ منگل ٿي ويو، شينهن جو ٻچو مرڪندو پنهنجي شاهي خيمي ۾ هليو ويو، وزير لونجهه لونجهه ڪندا شرنايون ٻڌندا، دفن وڄائيندڙن وٽان ٿيندا پنهنجن پنهنجن خيمن ۾ گم ٿي ويا.

ٿوري دير مس گذري ته شهر جون نوجوان ۽ خوبصورت عورتون شينهن جي ٻچي جي اڳيان پيش ڪيون ويون. شينهن جي ٻچي ڪرڙي اک سان هر هڪ عورت جو جائزو ورتو، عورتون ڇا هيون ؟ قيامت هيون، ڄڻ سڄي دنيا جي حسن کي هن جي خيمي ۾ قيد ڪيو ويو هجي.

آخر ڪار شينهن جو ٻچو اڳتي وڌي هڪ عورت جي سامهون آيو، هن کي اها عورت سڀني عورتن کان مختلف نظر آئي، ان جهڙي شايد اتي ٻئي ڪا به عورت نه هئي، پريل سيڊول جسم جنهن تي بادشاهه کي پيش ڪرڻ کان اڳ جهرمر ڪندڙ سونهري لباس پهرايو ويو هيو، سيني وٽان لباس جي چستيءَ ڪري هن جا اڀار سخت ۽ اڀريل نظر اچي رهيا هيا سيني جي اڀارن کان پيٽ ڏانهن ويندڙ چيلهه جهرمرڪندڙ لاهي هيٺ وري اڀريل ڊاڪون، جن هٽي شينهن جي ٻچي کي ٻڪريءَ جو ٻچو بڻائي ڇڏيو، آخرڪار هن اڳتي وڌي عورت جي ڳاڙهي پوري ڳچي تان ڪارن وارن جي ڇڳ کي پاسي ڪندي پڇيو، ”تنهنجو نالو؟“

“شينهن جي ڏيءُ ”، شينهن جي ٻچي جي اڳ اِئين هڻي وئي جيئن ان کي وڇوڻ ڏنگيو هجي، ڪجھ گهڙيون هو اکيون ڇڇيون ڪري عورت جي نفرت ڀريل منهن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کلي پيو، “عجيب اتفاق آ، تون شينهن جي ڌي ۽ مان شينهن جو ٻچو، منهنجي خيال ۾ تون موزون آهين.”

شينهن جو ٻچو مرڪندي هڪ دفعو وري هن جي ڳاڙهي ڳٽي کي پنهنجي آڱر سان ڇيڙڻ لڳو، عورت هن جي ان حرڪت تي ڪو به رد عمل نه ڏيکاريو سواءِ ان جي هوءَ ڪاريهر وانگر وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳي ۽ هن جي سيني جا اڀار ڦوڪجي سخت ٿي ويا. “تخليه.” شينهن جي ٻچي تاڙي وڄائيندي چيو.

سپاهي ٻين عورتن کي ساڻ ڪري خيمي مان ٻاهر نڪري ويا، هاڻي خيمي ۾ شينهن جي ٻچي ۽ شينهن جي ڌي کان سواءِ ڪو به ڪو نه هيو.

“شينهن جي ڌي،” “شينهن جي ٻچي روبدار آواز ۾ پڇيو، “تنهنجو پيءُ جو نالو ڇا هيو؟”

عورت هن جي سوال تي اکيون مٿي ڪنيون.

“شينهن” هن مختصر جواب ڏنو

۽ هو هڪ دفعو وري کلي پيو.

“منهنجي پيءُ جو نالو به شينهن هيو،” هن اڳتي وڌي عورت جي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، ان کان اڳ جو عورت ڦٽڪي، لچي ڇاتيءَ وٽان هن جو سونهري چولي جو ٽڪر شينهن جي ٻچي جي چنبي ۾ هيو، عورت جا قيد قاتل اڀار سيٽجي ٻاهر نڪري بيهي رهيا، شينهن جي ٻچي هڪ وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ عورت کي ٻانهن ۾ قابو ڪري جهنجوڙيندو. هيٺ وجي ڪريو.

خيمي کان ٻاهر وڄندڙ شرنائين جا آواز هر ڪنهن آواز تي غالب اچي ويا، سپاهي ڇيرون پائي دفن تي رقص ڪندا رهيا، تان ته هڪڙو نئون زخمي سج اچي هنن جي منهن ۾ پيو، جيڪو اولهه ڏي ويندي واٽ تي دم ڏئي ڪري پوندو، شينهن جو ٻچو اوٻاسي ڏئي ڳر پيڇندو پنهنجي خيمي مان ٻاهر نڪتو، تيستائين سفر جو سڄو بندوبست مڪمل ٿي چڪو هيو، گهوڙن تي سڀ سامان رکجي چڪو هيو، سپاهي اڳتي وڌڻ لاءِ تيار هيا.

ڪجھ گهڙين ڪانپوءِ شينهن جي ٻچي جو لشڪر بجليءَ جي تيزي سان مٽي جا غبار اڏائيندو اوير طرف گم ٿي ويو. گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جا آواز آهستي آهستي ختم ٿي ويا، شينهن جي ڌي لاشن ڀريل ميدان کي ڏسي هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهي.

ويهه سال گذري ويا ڪڏهن به گهوڙا ڙي جو آواز نه اٿيو، ماڻهن اجڙيل شهر کي هڪ دفعو

وري آباد ڪري ڇڏيو، شينهن جي ٻچي جا لڳايل زخم هر انسان جي دل تان آهستي آهستي وقت سان گڏ ڌوپجي صاف ٿي ويا. شهر ۾ ساڳي رونق ٻوڙي آئي. دنيا ان مختصر عرصي ۾ چڱي ترقي ڪئي، انسانيت جي تحفظ جا نعرا لڳا، گهڻو ڪجهه ٿيو، شينهن جي ڏي وقت سان گڏ ٻوڙندي رهي. هن ۾ هاڻي اها جواني نه رهي. اهو حسن نه رهيو، شينهن جي ٻچي جي وڃڻ کان نو مهينا پوءِ هن کي هڪڙي خوبصورت ڌي ڄائي، نالو رکيائين" شينهن جي ٻچي جي ڌي" شينهن جي ٻچي جي ڌي اڃان جوان ئي مس ٿي ته ماڻس، شينهن جي ڌيءَ موڪلائي وئي. ان وقت هن جي عمر اوڻويهه سال هئي، خوبصورت ماءُ کان ٻه، ٻه ٽي وکون اڳتي. آخر ڇو نه ؟ خون ڪنهن جو هئي ؟ ڪنهن اهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي ڌي ته نه هئي ؟

اڄ هن کي پورا ويهه سال ٿيا هيا ڪجهه ماءُ جا مهانڊا ڪجهه پيءُ جا تاثر، ٻنهي ملي جهلي هن کي لاجواب بڻائي ڇڏيو هيو، ڪوئي ڏسيس ته اصلي سسڪيون نڪري وڃينس، گهمي ته ماڻهو ڪٻڙا ٿي زمين تي ويهي رهن، قهر هئي، اصلي قهر، پنهنجي پيءُ جي ظالماڻي حملي جو يادگار هئي، ماڻهن کي کهي پئي کهي، سڄو شهر پنهنجي هلچل ۾ مشغول هيو هڪڙن جي اڄ، هڪڙن جي وڃ، تان ته خبر نه پئي ڪٿان هڪ دفعو وري ڪنهن ٻيڙي رن جو آواز گونجيو "گهوڙا ڙي ياڄ ڙي گهوڙا ڙي." ماڻهن ڪنڌ ورائي اولهه طرف نهاريو ساڳيو مٽيءَ جو غبار ساڳي ياڄ. ساڳي هو هو. "ڀڄو شينهن جي ٻچي جي ٻچي حملو ڪيو آ، ڀڄو. "

ماڻهن ۾ ساڳي ڦرڦوٽ، تان ته خبر نه پئي شينهن جي ٻچي جي ٻچي ماڻهن تي اچي وسڪارا ڪري ڏنا، ساڳي لاشن جي ڏٻ ڏٻ ساڳي. ٻني ساڳيا ڏاتا، لڱن جي لڻ لٽا، تلوارن جي هڻ هٽان، "اباڙي گهوڙا ڙي، رحم ڙي." ڪير ٻڌي ڪنهن جي؟ گهوڙن جي هڻڪارن ۾ دٻيل چيٽون سنبن ۾ سسڪندڙ معصوم تلوارن جو لهو ۾ سنان، ساڳيو دور ويهه سال پهريون وارو، شهر کي باهه ڏني وئي، اجالا ڪيا ويا، جشن مچي ويا، شرنايون وڄي ويون، دڦن جي ڏن تي ڇير جي ڇمڪ ڇمڪ، نچندڙ ساقي. جام جو جام سان ٽڪراءَ ، ڏم، رت جي ڇيڪڙ تي ٽڙڪندڙ جسم، شينهن جي ٻچي واقعي ئي ڪمال ڪري ڇڏيو پنهنجي پيءُ کان ٻه گوءِ کٽي ويو، اک ڇنڀ ۾ ڪفر جا ڳيا لاهي رکيائين، ايڏي سچائي ايڏو ايمان ، الله شل ڪنهن کي نصيب ڪري.

شينهن جي ٻچي جو ٻچو ٽڪيل هاريل، گوشت پنندڙ، شرنائيون وڄائيندڙ ۽ دڦن جي ڏن تي ڇير پائي رقص ڪندڙ ٽولين وٽان ٿيندو مرڪندو، کيڏندو ڪڏندو، پنهنجي شاهي خيمي

ڏانهن هليو ويو.
ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ شهر جون خوبصورت عورتون هن جي سامهون هيون حد درجي جون خوبصورت، اڳي کان به خوبصورت. هن اڳتي وڌي سيني عورتن جو جائزو ورتو هو ڪي انهن عورتن مان هڪ عورت جي اڳيان اچي بيٺو. هن آڱر وڌائي عورت جي ڳاڙهي پوري ڳچي تان وارن جي ڪاري چڳ کي هٽائيندي پڇيو، " تنهنجو نالو"
"شينهن جي ٻچي جي ڏي"، شينهن جي ٻچي جي ٻچي پنهنجي آڱر کي ائين هٽايو جيئن ان کي وڇون ڏنگيو هجي. هن ڪجهه گهڙيون عورت جي منهن کي ڏٺو، پوءِ کلي پيو. "
"عجيب اتفاق آ تون شينهن جي ٻچي جي ڏي ۽ مان شينهن جي ٻچي جو ٻچو، منهنجي خيال ۾ تون موزون آهين. "
شينهن جي ٻچي جو ٻچو مرڪي عورت جي بلڪل ويجهو آيو ۽ هڪ دفعو وري هن جي ڪارن سهڻن وارن سان ڪيڏڻ لڳو، عورت ڪو به رد عمل نه ڏيکاريو، هوءَ سهڪي به نه، صرف پر وقار نظرن سان بادشاهه جي منهن ۾ نهاريندي رهي.
"تخليه." هن ٻنهي هٿن سان تاڙي وڄائيندي چيو.
سپاهي ٻين عورتن کي ساڻ ڪري خيمي مان ٻاهر نڪري ويا. هاڻي خيمي ۾ هنن ٻنهي ڪانسواءِ ڪو به نه هيو.
"شينهن جي ٻچي جي ڏي"، هن رعبدار آواز ۾ چيو، " تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا هيو ؟"
"شينهن جو ٻچو"، هن مختصر جواب ڏنو.
شينهن جي ٻچي جو ٻچو هڪ دفعو وري کلي پيو.
"منهنجي پيءُ جو نالو به شينهن جو ٻچو هيو"، هن اڳتي وڌي عورت جي ٻانهن کي هٿن ۾ قابو ڪندي چيو ۽ انهن کي زور ڏنو، عورت جا ڪلها سوڙها ٿي ويا، ڇاتين جا اڀار نڪري آيا، هڪ ڇيڪٽ ٿيو ۽ سونهري قميص جو ٽڪر هن جي هٿ ۾ هيو، عورت ڇاتي کان وٺي پيرن تائين اگهاڙي ٿي وئي، گورا گلابي پستان، سونهري ڇيلهه، ٻاڪن ڏي ويندڙ لاهي، جنهن شينهن جي ٻچي جي ٻچي کي هٽي رڍ جو ٻچو بڻائي رکيو، ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ عورت هن جي هيٺان هئي.
خيمي کان ٻاهر وڄندڙ شرنائين جا آواز هر ڪنهن آواز تي غالب اچي ويا، سپاهي ڇيرون پائي دفن تي رقص ڪندا رهيا، تان ته هڪڙو نئون زخمي سج اچي هنن جي منهن ۾ پيو، جيڪو اولهه ڏي ويندي واٽ تي دم ڏئي ڪري پوندو، شينهن جي ٻچي جو ٻچو اوٻاسي ڏئي ڪر پيچندو پنهنجي خيمي مان ٻاهر نڪتو، تيستائين سفر جو سڄو بندوبست مڪمل

ٿي چڪو هيو، گھوڙن تي سڀ سامان رکجي چڪو هيو، سپاهي اڳتي وڌڻ لاءِ تيار هيا.
ڪجھه گھڙين ڪانپوءِ شينهن جي ٻچي جو ٻچي جي لشڪر بجليءَ جي تيزي سان مٽي جا غبار اڏائيندو اوڀر طرف گم ٿي ويو. گھوڙن جي ٽاپ ٽاپ جا آواز آهستي آهستي ختم ٿي ويا، شينهن جي ٻچي جي ڏي لاشن ڀريل ميدان ڪي ڏسي هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهي.
نو مهينا گذريا، ڏڙام ڪري هڪ ڀار اچي هن جي جھوليءَ ۾ ڪريو، "شينهن جي ٻچي جي ٻچي جي ڏيءَ"، ڪٽان ڪو آواز پڙاڏا ڪندو آيو، هن ان آواز کي ٻڌڻ لاءِ اوڀر طرف ڪنن کي موڙي ڇڏيو، رکي رکي ڪنهن ڪراڙي رن جو آواز ٿيو، " گھوڙا ڙي ياڇ ڙي، گھوڙا ڙي"، عورت ڪان ڇرڪ نڪري ويو، هن تارا ڦوٽاري، ڪنڌ ورائي اوطرف نهاريو پر اتي مٽي جو ڪو ٻه غبار نه هيو، شايد ٻڍڙي رن خواب ۾ ڇرڪ ڀري رهي هئي، هن ۾ ته اجان ويهه سال دير هئي، پر نه هن سوچيو ان ظلم جو انت ٿيڻ وارو آهي، تاريخ ثابت ڪندي ته ايندڙ دنيا مظلومن جي آهي.

# سڪون ڪٿي آ !!

ديول جي خاموش ماحول ۾ هن جون رڙيون وڏيڪ پوائيتيون ٿي ويون، هو دانهين دانهين هنن ڪان پنهنجو ٻانهون ڇڏائڻ لاءِ سڻون ڏئي رهيو هو، "ڇڏي ڏيو مون کي ڇڏي ڏيو، مان اڄ ابن مريم ڪان پنهنجو حق وٺي رهندس، ڇڏي ڏيو."، هن هر هر دانهون ڪندي مريم جي بت کي ڪنڌ ورائي تي ڏٺو پر پادرين هن کي اهو موقعو ئي نه ٿي ڏنو ۽ هو هن کي گهڻ وڌ ڳالهائيندي ديول ڪان ٻاهر گهليندا ويا. "نڪر، دوزخي ڪنهن جاءِ جا،" ۽ پوءِ اهو آواز ڏور ٿيندو، پوڙهي جي نندڍ ۾ وڦلڻ جهڙو ٿي ويو، جيڪو موت جي تصور ڪان نندڍ ۾ ڇرڪ پري مڻ مڻ ڪندو آهي.

ديول جو وڏو پوپ، مسلسل مريم جي بت آڏو جهڪيل هيو، ظاهر ظهور ته هو عبادت ۾ مشغول ٿي نظر آيو، پر هن جا خيالات پوڙهي فقير جي رڙين ڪري مريم جي مجسمي جي اڳيان ٻرندڙ اگر بتين جي دونهي جيان منتشر هئا، ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن گوڙ جو آواز پري ٿيندو، ٿيندو ٽڪجي پيو ته هن اڪيون ٻوٽي هٿ سان سيني تي صليب جو نشان ٺاهيو ۽ هڪ دفعو وري مجسمي اڳيان هٿ ٻڌي، سر جهڪائي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو.

ديول جو وڄندڙ گهنڊ خاموشي ۾ نئين سوچن جي واس جيان سڄي ماحول تي قابض هو، "ٽنگ ٽنگ ٽنگ" گهنڊ جو آواز، جيئن دنيا جي ٻوڙندڙ ڊڳي جي ڳچي ۾ زنجيرن سان پاتل. وقت جي گهنڊ جا رانياڻ. هر طرف ڪان فنا ۽ ڪفن جا تهه ، انهن ۾ روح ڦوڪيندڙ گهنڊ جنهن جي واڌ ۾ ديول جو خدمتگار پنهنجي ٻانهن کي بلند ڪري وقت سان گڏ جهولي هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

پوپ پنهنجوڪنڌ مٿي ڪيو ۽ اڪيون کولي مريم جي مجسمي کي نهاريو، پر وقار، لهندڙ سج جي ڪرڻن ۾ نظر ايندڙ ڪنڊرن جيان هن جو بلند پهاڙن جهڙو چهرو، جنهن تي سنجيدگي طاري هئي، جيئن دنيا جاغم سميٽجي هن جي صورت ۾ سمائجي ويا هجن ۽ هن جي ٻانهن ۾ ستل معصوم ابهم عيسيٰ جنهن جي چهري جي مرڪ ويڙهيل چادر ۾ هوا تي جهومندڙ ناريل جي آلن ڦرهن جهڙي هئي، جنهن تي مينهن وسڻ ڪانپوءِ سج جا ڪرڻا پوندا آهن ته اهو آسمان مان ستارا پٽي هيٺ اڇليندڙ فرشتن جهڙو معلوم ٿيندو آهي.

فادر مقدس مريم جي قد آور ۽ ويڙهيل چادر ۾ عيسيٰ جي مجسمي کي ڏسندو رهيو،

وڄندڙ گھنڊ ۾ اگر بتين جي وجد ۾آڻيندڙ واس ۾ هن جي من چاهيو ته جيڪر هو پکڙجي موسيقي جي لهرن جو روپ ڌاري آڪاس ۾ گم ٿي وڃي ۽ هن پنهنجي ڪرنگهي ۾ اٿندڙ عجيب قسم جون مسحور ڪندڙ لهرون محسوس ڪيون، جن ڪان هن جو بدن لرزجي ويو، هن پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ هو گھنڊ جي آواز ۾ ڪوئجي ويو، ٽنگ....... ٽنگ...... ٽنگ

هر طرف ڪان ڦهليل ڌنڌ، جنهن ۾ سج جي مرڻ سان ئي ٿڌ اچي ڌاڙو هنيو هو. هر طرف ڪان ويران رستو ۽ ٿڌي هوا تي اڏامندر پراڻين اخبارن جا ٽڪرا. پري پري تمام پري قبرستان ۾ ڪنهن وليءَ جي مزار تي ٻرندڙ ڏيئي جهڙي ڪنهن بلب مان نڪرندڙ روشني. رڪي رڪي ڪنهن جي ڪنگھڻ جو آواز، جيئن خاموشي پنهنجي لاش جي ڪفن مان منهن ڪڍي ٽهڪ ڏيندي هجي ۽ ان رات هو ديول ۾ مناجات پڙهڻ لاءِ پنهنجي آبنوسي لٺ جي سهاري چونڪ تان ٺڪ ٺڪ ڪندو لنگھي رهيو هو. هن کي ديول ڪان هڪ فرلانگ پري ٻه وڄندڙ گھنڊ جو مدهم آواز ٻڌجي رهيو هو ۽ هو پنهنجي اکين اڳيان مريم ۽ عيسيٰ جي تصور کي رڪندو پنهنجي ڌن ۾ وڃي رهيو هو، چونڪ ڪان ڪجهه فاصلو پري هن کي هڪ عورت نظر آئي، جيڪا اتي ٽهلي رهي هئي ۽ ان جي جسم تي مٿي ڪان وٺي پيرن تائين ڪارو جبو اوڍيل هو، جنهن ۾ هن جو زرد ۽ لٽل چهرو چنڊ گرهڻ جهڙو ٿي محسوس ٿيو. جڏهن هو ان عورت جي ويجهو پهتو ته ان هڪ مخصوص انداز ۾ هن کي اشارو ڏنو ۽ مڙي اڳتي وڌي ويئي.

ڪجهه منٽن ڪان پوءِ هو عورت سان گڏ هڪڙي تنگ ۽ پراڻي ڪچيءَ جاءِ ۾ هو، جنهن ۾ ٽيبل تي هڪ ميڻ بتي ٻري رهي هئي، جنهن جو شعلو ٻه ماحول ۾ برف جيان هڪ هنڌ ڄميل هو، ڇو جو ان جاءِ مان هوا جي گذرڻ جي ٿوري وٿي ٻه نه هئي.

"تو ڇا پئي چاهيو؟" هن عورت ڪان پڇيو.

"بس ٻن ويلن جي ماني"

"پر اهو ته ڪو طريقو ناهي ؟"

"اونهن ،" عورت پنهنجي ٻنهي ڇپن کي ملائي مرڪندي جهونگاريو

"هي طريقو آ "، ۽ هن ڪنڌ وٽان جبي جون ڪنهيون کوليندي چيو.

"پوپ جي من چاهيو ته هو وڏي لانگ وجهي هڪدم ديول ۾ گهڙي وڃي، پر هن عورت جي منهن تان اکيون هٽائي انهن کي چنيبيو ۽ ٿوري وقفي ڪان پوءِ ڳالهائيندي چيو، "مان تنهنجو مقصد سمجهي ويو، آهيان تون ".

ان کان اڳ جو هو وڌيڪ ڳالهائي، عورت هن جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.
“ها سچ......... پر منهنجا ٽڻ هڪ ڏينهن کان سڪايل آهن ”.
پوپ خاموش رهيو، هن صرف عورت جي منهن ۾ نهاري هڪ دفعو وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي آبنوسي لٺ کي مهٽڻ لڳو، هن کي عورت تي ڏاڍي خار ٿي آئي.
“مون کي صرف ٻن ويلن جي ماني گهرجي، تون هڪ رات لاءِ منهنجي جسم جو مالڪ آهين، ”
“دوزخڻ کنهن جاءِ جي...... ذليل.” پوپ جون واڇون هيٺ لهي ويون ۽ ميڻ بتي جي روشني ۾ نڪ ۽ نرڙ ۾ پوندڙ هن جا گهنج سمنڊ ۾ لهندڙ سج جي اڳيان پيلن لهرن جهڙا ٿي ويا.
عورت هن جي گارين کي نظر انداز ڪندي، جبي لاهڻ ڪانپوءِ سيني وٽان پنهنجا بٽڻ کولي ڇڏيا، هن جا ننگا ارهه پوپ جي سامهون هئا، هو ڏڪي ويو ۽ هن جي من ۾ جوش جي جاءِ، خوف ۽ بيزاري اچي والاري، هن پنهنجي ڳچي ۾ پاتل، قميص پويان لڪيل صليب جي نشان کي ڪڍي پنهنجي اڳيان ڏيئي ڇڏيو. عورت ڪجهه ڪڪي وکي ٿي ويئي ۽ پشيمانيءَ مجبوري کان هوءَ روئڻ جهڙي ٿي ويئي، هن پنهنجي پرجي آيل ڳوڙهن کي لڪائڻ لاءِ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.
“ دوزخڻ، توکي ابن مريم ڪڏهن به معاف نه ڪندو، بدچال، ماڻهن کي ٺڳيندڙ جاهل ڪميٽي،” پادري ڏڪي ڏڪي اتان پنهنجا قدم پوئتي سوريندو ويو، عورت هاڻي سمجهي ويئي ته هو شهر جي ڪنهن گرجا جو پادري آهي ۽ هن نااميد ٿي قميص جا بٽڻ بند ڪري مٿان ڪارو جبو پائي ڇڏيو. پادري اڃان به وڦلي رهيو هو ۽ هن کان ڪجهه قدم پٺتي هٽي ويو، هن جي اکين ۾ نفرت، جوش ۾ بيوسي ظاهر هئي.
“پر فادر مان مجبور آهيان.” عورت نماڻائي سان چيو، “ٻن ڏينهن کان بکايل هئڻ ڪري منهنجا ٽڻ سڪي ويا آهن، ڏسو نه ٿا ته کير نه پيئڻ ڪري منهنجي ٻار جو چهرو ئي هيڊو ٿي ويو آهي.” هن ڊڪي وڃي چادر ۾ ويڙهيل ننڍڙي معصوم ٻار کي پنهنجي جهولي ۾ کنيو ۽ پادري اڳيان اچي بيهي رهي. پوپ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري هن کي ڏٺو، پر وقار لهندڙ سج جي ڪرڻن ۾ نظر ايندڙ ڪنڊرن جيان هن جو بلند پهاڙن جهڙو چهرو جنهن تي هڪ سنجيدگي طاري هئي، جيئن دنيا جا غم سميٽجي هن جي صورت ۾ سمائجي ويا هجن ۽ هن جي ڪڇ ۾ معصوم ابهم ٻار جنهن جي چهري جي مرڪ ويڙهيل چادر ۾ ، هوا ۾ جهومندڙ ناريل جي آلن ڦرهن جهڙي هئي، جنهن تي مينهن وسڻ ڪانپوءِ سج جا ڪرڻا پوندا آهن ته اهو آسمان مان ستارا پٽي اچليندڙ فرشتن جهڙومعلوم ٿيندو آهي.

ڏور هزارين ميل ڏور ڏنڏ مان اٿندڙ گهنڊ جا آواز هن جي ڪنن ۾ تيز ٿيندا ويا. ٽنگ ٽنگ ٽنگ ٽنگ ۽ هن اکيون کولي مريم جي مجسمي کي نهاريو جنهن جي جهولي ۾ منڊڙي مرڪ وارو عيسيٰ ستل هو، ڪيڏي نہ مشابهت هئي، هن سوچيو ڇا يهودين ان زماني ۾ سچ ڳالهايو هيو، هن جون سوچون پري پري تائين ڦهلجي ويون، مريم هئي، پڪ هن ٻن ڏينهن کان وٺي ڪجهہ بہ نہ کاڌو هوندو، پلا هن کي عيسيٰ ڪيئن ڄائو، ها ها ڪير پيارڻ پر اوچتو هن جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي، جيئن ڪا ڏائڻ هن جي شهہ رڳ ۾ ڏند کپائي سڄو رت چوسي ويئي هجي. هن جون ڦاٽل اکيون مريم جي مجسمي ۾ کپي ويون، هو وائڙن ۽ چرين جيان پنهنجي ذهنيت تي کاوڙ کائڻ لڳو، جيئن هن عبادتن ۽ نيڪين جي ڍير ۾ پنهنجي هٿن سان تيلي ٻاري ڌماڪو ڪيو هجي. ۽ هو رڙ ڪري مجسمي اڳيان ڏنل ڪاٺ جي ڪٽهڙي ۾ چنبڙي ڊاڍيون ڪرڻ لڳو، سڏڪن کان هن جي پٺي کي جهٽڪا اچڻ لڳا، ديول ۾ بيٺل ٻين پادرين چرڪ ڀري هن کي ڏٺو ۽ پنهنجي ڌڙڪندڙ دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ڇپن ۾ مڻ مڻ ڪري مناجات پڙهڻ لڳا.

“اوهہ معاف ڪر ابن مريم.” پوپ جو آواز گهنڊ جي آواز کان ڳرو ٿي ويو، “مون کي معاف ڪر، هي مان ڇا سوچي وينس، تون پاڪ آهين، هر نفس ۽ هر گندگي کان بلند آهين، مون کي خبر نہ آهي ڇو سوچيو، اي يسوع مون کي دوزخ کان پناهہ ڏي اي مريم منهنجو ڍڪ ڍڪ.” هن روئي سيني تي هٿ سان صليب جو نشان ٺاهيو ۽ اکيون بند ڪري هٿ ٻڌي هن کي ٻاڏائيندو رهيو.” يسوع معاف ڪر، دوزخ کان پناهہ ڏي دوزخ کان پناهہ ڏي، دوزخ کان پناهہ ڏي،“ ٽنگ ٽنگ ٽنگ هن جا آواز گهنڊ جي لئہ ۾ سمائجي وڃڻ لڳا ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هن کي ديول جي ديوارن مان پنهنجي آوازن جا پڙڏا ايندا محسوس ٿيا،” اي يسوع دوزخ ڏي، دوزخ ڏي، دوزخ ڏي، اي خدا مان هن دنيا مان بيزار آهيان پر اي ابن مريم تون ڪيڏو نہ عظيم آهين، تون انسان جي گناهن کي پروڙي دوزخ ۾ ڪيڏيون نہ رمزون رکيون آهن، توکي گناهن ۽ بک جي لاڳاپي جي خبر آهي جنهن جي ڪري تون سردي کان سڙيل لاشن جي لاءِ باهہ، پيٽ بکين فقيرن ۽ گناهگار وڻشيائن جي لاءِ ٿوهر جو منو ميوو ٿو ڏئين، آخرڪار هڪ انسان کي ان ڪانسواءِ ڇا گهرجي؟ اي ابن مريم مون کي دوزخ ڏي، مان جيئڻ چاهيان ٿو، بکايل آهيان دوزخ ڏي.”

ٻيڙي فقير جي صدا جنهن تي پادرين هن کي ديول مان تڙي ڪڍيو هو ۽ ان جا جملا پوپ جي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا، فقير جيڪو ڪجهہ دير اڳ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل زنجيرن واري ڪشڪول کي بلند ڪري ابن مريم کان دوزخ پيو گهري. پوپ پنهنجي ڇپن ۾ وڏيڪ

ورجائڻ چڏي ڏنو هن کي دوزخ کان نفرت نہ هئي، هو مجسمي جي اڳيان اٿيو، " نکر دوزخي کنهن جاءِ جا، هن کي آواز آيا، هو منهن ورائي مريم جي مجسمي ڏسڻ کان سواءِ هيٺ کنڌ کري ديول جي دروازي کان ٻاهر نکري ويو.

وڄندڙ گهنڊ جو آواز هن کي ايذائڻ لڳو، هن جي جسم ۾ گهڙي روح ۾ سيون ٽنبڻ لڳو، هو نراس ٿي چکو هيو هن جي ورانگ سان گڏ قدم بہ تيز ٿي ويا، هو گهنڊ جي آوازن کان پڇندي سمنڊ طرف نکري ويو، جتي ڌرتي کٽي رهي هئي ۽ گهنڊ جو مدهم آواز اجا بہ اچي رهيو هو، هن بيزار ٿي پنهنجا ٻئي هٿ کنن کي ڏيئي چڏيا ۽ گوڏن ڀر هيٺ ويهي رهيو،

"او بک تون کڏهن بہ نہ ختم ٿيندر گهنڊ آهين، جيکو دنيا جي ديول تي هميشہ لڏندو رهندو"، هن چيو ۽ پوءِ سڏکا ڀري روئڻ لڳو، هن کان کجهہ فاصلو ڀري سمنڊ جي لهرن جو شور جيئن کنهن انسان جي پيٽ ۾ بک کان پوندڙ ٽچکا.

# هاڃو هاڃو، هاءِ حياتي!

هن جو هيڊو ۽ اداس منهن وڪريل وارن ۾ سرءُ جي پيلي پن جهڙو محسوس ٿي رهيو هيو، هن ڪي جسم تي ڪاري لوئي اوڍيل هئي پر تڏهن بہ محسوس ٿي رهيو هيو تہ هوءَ پريل ۽ غير متناسب جسم جي مالڪ آهي، هوءَ ان وقت پنهنجي ڪچي جاءِ جي ٻئي منزل تي پراڻي ڪاٺ جي دري مان ٻاهر ليئا پائي رهي هئي هن جي اکين ۾ تجسس هيو، پريان هن کي سياري جي سنسان ماحول ۾ ڪنهن ڊڪندڙ انسان جي قدمن جو آواز آيو ۽ پوءِ هن کي گهٽي جي ڦهليل چانڊوڪي ۾ نويل ۽ ڪچين جاين جي وچ ۾ ڪو پاڇو پڄندي نظر آيو، جيڪو جان ۾ سنهي هجڻ ڪري قد ۾ ڊگهو نظر اچي رهيو هيو ۽ جنهن پناه حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهايو ٿي، عورت نہ ڄاڻ ڇا سوچي، ٻانهن بلند ڪري هن کي هٿ سان اشارو ڏنو.

”اي هيڏي“ ۽ پوءِ هوءَ تيز تيز وڪون ڪٽندي ڏاڪڻ مان ڏب ڏب ڪندي هيٺ لهي وئي، ڪڙي کلڻ جو آواز ٿيو ۽ ان سان گڏ ئي ڪن ڊڪندڙ قدمن جو آواز گهرو ٿي هڪدم ختم ٿي ويو.

”آءُ“ هن چيو

ڪڙي بند ٿيڻ سان ئي چئن قدمن جو آواز اڳتي وڌندو، ٻئي منزل تي اچي ختم ٿي ويو، اهو واقعي ئي ڏٻري جسم ۽ ڊگهي قد وارو گهٻرايل جوان هيو، جيڪو ڊوڙندي ڊوڙندي ٿڪجي پيو هيو ۽ وات کولي وڏا وڏا ساهہ کڻي رهيو هيو، جن ڪان هن جو هيٺ مٿي ٿيندڙ بدن، ميڻ بتي جي هيڊي روشني ۾ ائين لڳي رهيو هيو جيئن ڪو سردي جو ماريل مسافر ڪجهہ منٽ گرمي جهٽڻ لاءِ رستي تي ڦهليل ڪک ۽ ڪانا گڏ ڪندو هجي. هن جي جسم تي ڳاڙهي رنگ جي ڦاٽل بشرٽ ۽ خاڪي سوٽ پهريل هيو جنهن جي ٻنهي کيسن ۾ هن جا هٿ سختيءَ سان پيل هيا. پاڇن وٽان لڙڪندڙ ڌاڳن جي ڪري اهو سوٽ ائين لڳي رهيو هيو جيئن ڊگهي سوٽ کي هيٺان کٽي ناهيو ويو هجي. هن جا ٻڇي سان پريل ۽ وڪريل وار، ڪڏن پيل منهن تي ان گوشت جي تنتن جيان ٿي معلوم ٿيا جن کي ڪتو ڍو ڪرڻ ڪانپوءِ سڪٽي هڏي تي بچائي هليو ويندو آهي.

عورت هڪ دفعو وري دري کان ٻاهر نهاريو

هن کي اچي چانڊوڪي ۾ گهٽي ۾ ڦهليل هوا تي اڏرندڙ رود جي ڳاڙهن سرن واري ٻوري

ڪانسواءِ ڪجھ بہ نظر نہ آيو.
“توکي مٿي ايندي شايد ڪنھن بہ کو نہ ڏٺو تون محفوظ آهين” ، عورت دري مان نظرون هٽائي، هن ڏانھن نھاريندي مرڪندي چيو. مرد ڪو بہ جواب نہ ڏنو، هو اڃان بہ ٿورو سھڪي رهيو هيو هن جا تارا هر هر پاسن ڏانھن ٿي ڦريا ۽ هن جو ڪنڌ هڪ هنڌ سڪ هيو، جيئن هن کي يقين نہ ايندو هجي تہ ڪو ڊوڙندي ڊوڙندي هاٿي ڪنھن جڳھ ۾ خاموش ۽ محفوظ بيٺو آهي. هن جي من ۾ خوشي ۽ دهشت جون لهرون هڪ ٻئي وقت هڪ ٻئي تي غالب پوڻ جون ڪوشش ڪري رهيون هيو.
“شايد اها تنهنجي پھرين چوري آ ”، عورت هڪ دفعو وري مرڪندي ڳالهايو جيئن هوءَ گھر ۾ اڪيلي ويٺي ويٺي بيزار ٿي وئي هجي ۽ هڪ انسان جي ملڻ ڪانپوءِ دل پري ڳالهائڻ ۽ ٿهڪ ڏيڻ چاهيندي هجي، پر مرد خاموش بيٺو رهيو. عورت کي ٿوري مايوسي ٿي ۽ هوءَ ان مايوسي کي مٽائڻ لاءِ پنھنجي وڪريل وارن ۾ آڱريون ڦيرائي انهن کي ٺاهڻ لڳي،
مرد جي جسم ۾ خاموشي ڪانپوءِ چرپر ٿي، هن جي سوٽ ۾ پيل هٿن ۽ ڏڳھن ٻانهن ۾ سختي اچي وئي، هن اونهو ساھ کڻي ڪنڌ ڦيري جاءِ جو جائزو ورتو.
جاءِ صفا ڪچي هئي ۽ ان جي پتين تي لڳل اڇو چونو جڳھ جڳھ تان ڇڻي پتين جي بدران ڪوڙھ جي مريض جي جسم جو ڏيک ٿي ڏنو، ڪمري ۾ ڇڳل موڙي، ڪنڌ ۾ سٽيل پراڻن پادرن ۽ پٽ جي پاڙ مان ڪوئن جي ڪوٽيل مٽي ڪانسواءِ هن کي ڪليءَ ۾ ڪجھ ميرا ڪپڙا نظر آيا جيڪي اوپر طرف دري ڪان ايندڙ هوا تي لڏي رهيا هيا .سمورو ماحول ان خاموشي ۽ ڳيت ڏئي بيٺل زخمي جيان هيو، جنھن جي سيني ۾ گوليون لڳل هجن ۽ جنھن جي ڪنھن وقت بہ اپرندڙ دانھن ڪان خاموشي خوف زدھ هجي.
“ڇا هن گھر ۾ ٻيو ڪو بہ نہ رهندو آهي ؟” مرد پھريون دفعو حوصلو ڪندي سوال پڇيو، جنھن ۾ هن کي محسوس ٿيو، جيئن دماغ هن جي زبان جو ساٿ نہ ڏيندو هجي، دل جي هر ڌڙڪن سان مٿي ۾ دماغ بدران ٽٽو ڀاڻي ڀريل محسوس ٿيندو هجي.
“نہ”، عورت چيو، “مان اڪيلي رهندي آهيان، ”
“تہ پوءِ تون ڪيئن ٿي جيئن ؟”
“ڪجھ گھڙيون جسم کي روح جو سھارو ڏيندي آهيان ۽ ڪجھ گھڙيون روح کي جسم جو.”
عورت ڳالھ وڌائڻ لاءِ ان ۾ مونجھارو پيدا ڪيو.
“مون نہ سمجھيو؟” هن مختصر جواب ڏنو.

هن جي ڳالهه تي عورت زوري مرڪيو ۽ هن جي سوٽ جي کيسن کي نهاريو، جن ۾ هن جا ٻئي هٿ سو گهائيءَ سان پيا هيا.

“شايد قيمتي شي چورائي اٿئي ” هن ڳالهه بدلائيندي چيو. مڙد چپ رهيو ۽ عورت جي منهن کي جاچي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، ”

“نه نه اهڙي ته ڪا ڳالهه نه آهي،” عورت چيو ۽ پوءِ زوري کلڻ ڪري هن جي وات مان روئڻ جهڙو ٺهڪ نڪتو ۽ هن جي ڪلهن جهٽڪو کاڌو. مرد جي منهن ۾ ٿورا گهنج پئجي ويا جيئن هن جي دماغ ماحول جو نئون رخ جاچي سوچڻ شروع ڪيو هجي. آخرڪار هو اڳتي وڌيو ۽ اوپر طرف روڊ ڏانهن ڪلنڌڙ دري وٽ بيهي ٻاهر نهارڻ لڳو، گهٽي سنسان هئي هن کي صرف اڇو ٻلو نظر آيو جيڪو هڪ گهر جي در مان ٻاهر نڪري پرسان واري ڪنهن در جي چائٺ ٽپي هليو ويو.

“هاڻي مون کي هلڻ گهرجي” هن دري کان منهن هٽائيندي چيو.

“گهر ۾ لڪائڻ لاءِ تنهنجي مهرباني”

هن اجان وڃڻ جي ڪئي ئي مس ته عورت ڳالهايو.

“ٻڌ تون ائين ئي هليو ويندين ؟”

مرد کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ۽ هن ڪنڌ ڦيري عورت جي ڪاري لوئي ڏي نهاريو.

“منهنجو مطلب آ.” عورت پنهنجي آڱرين کي مهٽيو، “منهنجو مطلب آ، مان ٽن ڏينهن کان بکايل آهيان.”

عورت جي ڳالهه تي مرد جي منهن تي پيلاڻ هارجي وئي ۽ گهنج وڌيڪ گهرا ٿي ويا، هن جي نڙي جون مشڪون سيڙجي ويون. عورت وڪريل ۽ ڪکي وڪي ٿي وئي.

“مان تنهنجي ڪا به مدد نه ٿو ڪري سگهان مان مجبور آهيان.”

هن وڄندڙ آواز ۾ چيو.

“ڇا تون مون کي هڪ رات جي عيوض ۾ ٽن ويلن جيترا پئسا نه ٿو ڏئي سگهين؟”

“ڇا تون وئشيا آهين؟” مرد جي آواز ۾ نفرت جو عنصر هيو.

عورت گهٻرائجي وئي.

“نه، منهنجي چوڻ جو مقصد آ، تي سگهي ٿو هتان نڪرڻ ڪانپوءِ تون پوليس جي ور چڙهي وڃين. رات آرام سان بسر ڪري صبح جو هليو وڃجان”، ڳالهائڻ ڪانپوءِ عورت جي من ۾ عجيب پيڙا کان بي چيني وڌي وئي، جيئن هو ڪو گناهه جو ڪم ڪري پڇتائيندي هجي.

“نه پر مان وڃڻ چاهيان ٿو”

“ڪمال آ.” عورت چيو ۽ هوءَ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي، هن من ۾ جوش ۽ ڪاوڙ ڪان ڦٽڪندي هڪ ڦڪو ٺهڪ ڏنو، جنهن جو پويون حصو گاڏيءَ جي تيز بريڪن لڳڻ ڪري پيدا ٿيندڙ چيڪاٽن جهڙو هيو.

مرد وڌيڪ دير ترسي نہ سگهيو، هن جي من ۾ بي چيني وڌي وئي، هن کي گهٽ محسوس ٿيڻ لڳي، هن کي ماحول جي هر شي مان خوف محسوس ٿيو ۽ هن جون ڄنگهون پنهنجو پاڻ ڇريون.

“مان هلان ٿو،” ۽ هو ڏاڪڻ ڏانهن مڙيو.

عورت جي نرڙ ۾ گهنج ۽ منهن ۾ رت ڀرجي آيو. دل جي ڌڙڪن وڌي ويس.

مجبوري ۽ درد ڪان هن جي ڄنگهہ نڪري ويئي ۽ هوءَ اڳتي وڌي مرد جي ٻانهن ۾ چنبڙي پئي.

مرد گهٻرائجي ويو.

“ڇڏ مان ڇوان ٿو ڇڏ،” هن عورت ڪان پنهنجون ٻانهون ڇڏائيندي چيو.

“ نہ .... مان توکي نہ ڇڏيندس”، هن ڪنجهندي مرد جي ٻانهن کي سوٽ جي کيسن مان ٻاهر ڪيندي چيو،

هو ٻئي زور زور سان سهڪڻ لڳا، ٻنهي ڪان رکي رکي هلڪيون ڄنگهون نڪري رهيون هيون، جيئن هو پنهنجو آواز دٻائي ماحول ۾ خاموشي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندا هجن.

هو ٻئي ڪيتري دير پاڻ ۾ ڳنڍيا رهيا، عورت هن جي کيسن مان هٿ ڪڍي پئسن حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي، مرد جلد ٿڪجي پيو ۽ وات ڦاڙي ٿيڙ ڪائڻ لڳو، آخرڪار مجبور ٿي هن عورت کي سٽرن واري لت وهائي ڪڍي هوءَ چيٽ ڪري پنيءَ ڀر اچي پلنگ جي ٻانهن تي لڳي چيڪاٽ سان گڏڏماڪو ٿيو. ڌڪ پڇائي عورت اٿي ئي مس تہ هيٺان زور مان ڪڙي ڪڙڪڻ جو آواز آيو. مرد جو دماغ جهٽڪو ڪائي سجاڳ ٿي ويو ۽ هو ذري گهٽ دهلجي ويو، هن جي ڇپن ۾ سوئيدار لهرون پيدا ٿي سڄي جسم ۾ پکڙجي ويون ۽ ڌڙڪن مان گڏ هن جي ساهن جو سلسلو بہ تيز ٿي ويو.

هيٺان ڪڙي ڪڙڪڻ جو آواز مسلسل اچي رهيو هيو، عورت ڳوڙها اگهي تڪڙا تڪڙا قدم ڪٽندي پنهنجا ڪنڌريل وار ٺاهيندي ڏاڪڻ ڏانهن وڌي وئي.

مرد پريشان ٿي ويو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڀڄڻ جي جاءِ تلاش ڪرڻ لڳو، پر اتي ڀڄڻ جي تہ ڇا لڪڻ جي جاءِ بہ ڪو نہ هئي، هو پريشان بيهي رهيو ۽ ايندڙ وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڏاڪڻ مان چئن قدمن جو آواز اٿي ٻئي منزل تي اچي ختم ٿي ويو، مرد جي اڳيان عورت سان گڏ هڪ پوليس وارو هيو.

“هيءُ آهي اهو چور، جنهن منهنجي گهر ۾ گهڙي چوري ڪئي آهي.” عورت نماڻائيءَ سان پوليس واري کي مرد طرف اشارو ڪندي چيو.

مرد جي اکين جا گهيرا وڏي وڏا ٿي ويا، هن ته اهو سوچيو ئي ڪو نه هيو.

“ڇا چوري ڪيو ٿي ڙي؟” پوليس واري رعبدار آواز ۾ چيو.

مرد جي جواب ڏيڻ کان اڳ عورت چپ چوريا. “هن منهنجا پئسا، زيور، خبر نه آهي ته ڇاڇا چوري ڪيو آ، ڏسو نه ٿا هن جا هٿ، اڃان به سوٽ جي ڪيسن ۾ پيا آهن ”

“ڪڍ ڙي سوٽ مان هٿ”.

مرد خاموش رهيو ۽ هن جا هٿ اڃان به سوٽ ۾ سوگها ٿي ويا.

“نه ڪيندين ڙي ذليل، بيغرت”، پوليس واري اڳتي وڌندي چيو “ڪڍ ڙي ڪڍ”.

مرد جو منهن لهي ويو ۽ گهٻرائجي ٿورو پوئتي هٽي ويو. پوليس واري اڳتي وڌي هن کي پنين واري لٺ وهائي ڪڍي ۽ هن مجبور ٿي سوٽ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا، هن جي هٿن ڪيڻ سان ئي هن جو سوٽ ڇيلهه ۽ ڍاڪن کان رڙهندو هيٺ وڃي هن جي پيرن ۾ پيو، هن جا ٻئي هٿ خالي هئا.

سپاهي هن کي اگهاڙو ڏسي ٿورو شڪي ٿيو ۽ عورت شرم ۾ ڳاڙهي ٿي، اکيون هيٺ جهڪائي ڇڏيون.

“هاڻي ته توهان کي يقين اچي ويو.” هن هاريل جوئاري وانگر پريل آواز ۾ ڳالهائيندي چيو ته “مان چوري نه ڪئي آهي مان سوٽ مان هٿ ان ڪري نه پيو ڪيان جو مان ٽن ڏينهن جو بکايل آهيان ۽ منهنجي ڇيلهه سنهي ٿي وئي آهي، اها ته لازمي ڳالهه آ ته ٽن ڏينهن کان بکايل ماڻهو جو پيٽ ڪيترو نه اندر ڌڪيل هوندو.”

“پر تون آخرڪار هتي آئين ڇو ؟ ” سپاهي سوال ڪيو،

“ڪجهه سپاهي رولو سمجهي منهنجي ڪڍ پيا آهُ لڪڻ لاءِ هيڏانهن گهڙي آيس،” هن چيو، سپاهي آخر هن کي سوٽ پائڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ هن کي ساڻ ڪري ڏاڪڻ ڏانهن وڌيو، چئن قدمن جا آواز گونجيا ۽ عورت جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هوءَ ڌڙام ڪري ڇڳل موڙي تي ڪري. هن سوچيو. ڇا جي هن وٽ پئسا هجن ها ته هو مون کي ڏئي ها، بکايل ماڻهو جو پيٽ اندر ۽ ڇيلهه سنهي هوندي آ، هوءَ اڳتي نه سوچي سگهي، ڇو جو ڪاري لوئيءَ هيٺان هن جو پيٽ نوَ انچ ٻاهر نڪتل هو.

# هيءَ سين نہ ڏيندي چين

هن جي قيمتي تخليق جلد مڪمل ٿيڻ واري هئي. ڪينواس تي هن جو هٿ هلندو رهيو ۽ خوبصورت رنگ تصوير جي هر حصي کي نمايان ڪندا ويا، رنگن ۾ جذب ٿي هو اڪثر ان عورت جي تصوير بابت سوچيندو هيو. ” هن جي قيمت هزارين نه پر لکين روپيا آهي“.
واقعي ئي اها تصوير انسان جي ذهن ۾ ٺهيل خوبصورت کان خوبصورت آئيڊيل (Ideal) جو اصلاح هئي، جيڪڏهن خدا ڏسي ها ته ضرور ريس ڪري ها ۽ سوچي ها ته اهڙي خوبصورت آئيڊيل وارو انسان جيڪر مان اڳ ۾ ئي خلقي ڇڏيان ها.
شام ٿي ته هن بي چيني محسوس ڪئي، مسلسل پيڙا کان پوءِ وري ڪجھ دل ڏڪائيندڙ گھڙيون، جن جو هن کي اوسيئڙو هيو، هن کي ائين محسوس ٿيو جيئن ڪينواس تي ٺهيل مورتيءَ جي رنگن ۾ جذب ٿيل هنجو روح هن ۾ آهستي آهستي موٽي دل ڏاريندڙ پيڙا ۾ اضافو ڪندو هجي، هن کي خوف محسوس ٿيڻ لڳو ۽ هو مورتيءَ جي رنگ رنگ مان چوسجي الڳ ٿي ويو، پر پوءِ به هن جو برش لاشعوري طور مورتيءَ جي ڳاڙهي ڳچي تي رڳڙيو رهيو.
ٿوري دير ڪانپوءِ ڪڙي ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو ۽ هو هلڪا هلڪا قدم کڻندو اوڏانهن وڌي ويو، هميشه جيان اڄ به اتي ڪوئي نه هو، هر طرف کان صرف ٿڌ ۽ سردي جي جسم جهڙي خاموشي. دونهون ئي دونهون ۽ هو ان رمتوءَ جي ڳولا ۾ شهر کان ٿيندو، ڏور قبرستان ڏانهن نڪري ويو، نظرون کڻي نائينءَ جي چنڊ کي نهاريو، اڌ گول جهڙو چنڊ هن کي ائين محسوس ٿيو جئين هارياڻيءَ جي ٻانهن جو پڳل چوڙو، هن ڪنڌ ورائي هيٺ هيٺيي چانڊوڪيءَ ۾ ڦهليل قبرستان کي ڏٺو، انيڪ قبرون، ڌرتيءَ جي سيني جا اپريل ناسور، جيئن ڌرتيءَ کي هر مرندڙ ٻچڙو هڪ نئون زخم لڳائي ۽ هنجي ڇاتي درد کان سجي پوي،هو اڳتي وڌيو ۽ ٻڪ کان سکل سڙيل انسانن جي هڏن جهڙي ور وڪڙ ڪائيندڙ ڪٻڙ جي هڪ ٽاريءَ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو، هن جي سامهون وري هارياڻيءَ جي پڳل چوڙي جهڙو چنڊ مرڪي رهيو هو ۽ هو ان جي مرڪ ۾ ڪوئجي،قبرستان ۾هلندڙ ٿڌين هوائن ۾ تحليل ٿي، انجي گھو گھٽن سان گڏو ڏور هليو ويو. دروازي ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو ۽ هن جو برش ڪينواس تي هلندي هلندي ٻيڙي جي دل وانگر اوچتو ويهي رهيو، تصوير جو هيٺيو رنگ ڇڻ هنجي منهن ۾ پرجي ويو، ان ڏينهن به سانجهيءَ کانپوءِ هنجي من ۾ ڪيڏي نه آنڌ مانڌ هئي، ڪيڏي نه آزاريندڙ پيڙا ڪنڌ کڻي ويهي رهي هئي، شروع شروع ۾ جڏهن هن عام فن کان اڳتي سوچڻ شروع ڪيو هيو ته هن جي من ۾ بيزاري ۽ خوف اڇي واسو ڪيو هيو ۽ اڄ به هو انهن شين کي من ۾ سانڍي وڃندڙ ڪڙي جي آواز کي خاموشيءَ

سان ٻڏي رهيو هيو، ڪينواس تي ٺهيل تصوير ان وقت پنهنجي شروعاتي مرحلن ۾ هئي ۽ هو بت بڻيو ان کي ڏسي رهيو هيو، لڳاتار وڄندڙ ڪڙي جي آواز نيٺ هن کي ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ رمتوءَ کي ڳوليندو ڳوليندو وچ بازار ۾ نڪري ويو.

هر روز جيان هن ڏي هزارين خالي ڪشڪول بلند ٿيا، پر هو انهن کي ڪلهن سان ڏڪاريندو اڳتي وڌندو ويو، هن کي محسوس ٿيو هزارين ڪڙا هڪ مهل کڙڪندا هجن، هن ڏي بلند ٿيل هر ڪشڪول ۾ آهون ڀريل هجن، اهي پيٽ جهڙا هجن، هو ته هڪ رمتوءَ جي ڳولا ۾ نڪتو هيو، پر هزارين رمتو هن کي پاڻ ڏانهن پڪارڻ لڳا، هو انهن مان ان نامعلوم شڪل کي ڪيئن سڃاڻي جيڪا سانجهيءَ اچڻ ڪانپوءِ وحشت جو عالم پيدا ڪري، هن کي رنگن ڪان ڏار تي ڪري چڙي، هڪ چوسول تي هن کي هڪ عورت نظر آئي جيڪا هڪ لاش تي پنهنجا وار کولي دانهي رهي هئي، ان جا مٿيءَ هاٿا چيڙهيل وار، لاش مٿان ائين ٿي محسوس ٿيا، جيئن بک ۽ مفلسيءَ جا بادل سک ۽ امن جي لاش تي دل کولي جهومندا هجن. هو اڳتي وڌي ان عورت جي مٿان آيو، هن ڏي ڪنهن به ڌيان نه ڏنو، هر ڪو هڪ شور مچائيندو، خشڪ چپن تي زبان ڦيري هڙٻاٽيون نڪتل منهن جي بي نور اکين جا ڳوڙها اگهندو هنجي اڳيان تي لنگهيو، هن عورت ڪان پڇيو " جڏهن ته هر ڪو ناخوش روحن جي اثر هيٺ مفاد پرستيءَ جي وهڪري ۾ وهي پنهنجي منهن روئي رهيو آهي، ته توکي ڪهڙي پئي آهي جو تون پنهنجي درد ۾ ٻئي جو درد سمائي روئي رهي آهين."

عورت ان سوال کي لنوائڻ چاهيو، پر تڏهن به هن ڳوڙهن جي آلاڻ ۾ چنبڙيل وارن وارو منهن کڻي هن کي نهاريو ۽ نڙيءَ تي زور ڏئي زوريءَ آواز کي سيني مان ڪڍندي چيو، " محبت ۽ عقيدت جي گرمي، من کي حساس ۽ نرم ڪري ٿي، حساس من بي خود ۽ بزرگن جي مزارن تي ٽنگيل گهنڊن جهڙا آهن. ڪو به درد مند اچي، هٿ ڌگهيڙي انهن گهنڊن کي زور سان لوڏي ۽ وڄائي سگهي ٿو".

هو عورت جي جواب ڪان متاثر ٿيو ۽ هن سمجهيو پيار ئي هڪ اهڙو ذريعو آهي جو عام جي دردن تي سوچڻ ۽ چمڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو.

" هي تنهنجو ڇا ٿئي؟" هن لاش ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

هي منهنجو مڙس آهي، جيڪو ڪپڙي جي مل ۾ مزدوري ڪندي زخمي ٿي پوڻ ڪري مري ويو".

هن کي عورت تي ڏاڍي ڪهل آئي ۽ هن پنهنجي پنبڻين تائين ڀرجي آيل ڳوڙهن کي واپس

چوسائڻ لاءِ پري ڪنڌ ڪري ڊگهو ساهه ڪنيو.
” پر هاڻي روئڻ مان ڇا فائدو؟“
عورت جون ڦهليل اکيون لاش ۾ کپي ويون،
” هنجي محنت ۽ منهنجي محبت ڪيڏي نه مجبور آهي، جو اها هن کي ٻه وال ڪفن به ڏئي نه سگهي!“
۽ هوءَ ڊاڍيون ڪري روئي پئي.
فنڪار جي ڇنگهن ۽ سيني مان هزارين ڪوليون تيزيءَ سان مٿي چڙهي هنجي منهن ۾ دماغ ۾ گر ٿي ويون، هنجي پنبڻن ۾ اٽڪيل ڳوڙها ڳلن تائين وهي آيا، هن اکيون کڻي آڪاش ڏانهن نهاريو، هن کي ڳوڙهن پنيان چنڊ جون عرش کان وٺي ڌرتيءَ تائين ڪيترين شعائون سسنديون ۽ وڏنديون محسوس ٿيون، هو ٿڌي هوا ۾ تحليل ٿي، انجي گوگهٽن سان گڏ پنهنجي وجود ۾ موٽي آيو، هنجي اڳيان ساڳيو قبرستان هيو ۽ هارياڻيءَ جي پڳل چوري جهڙو چنڊ جيڪو هاڻي پستين جو سفر طئي ڪري بلندين ڏانهن وڌي چڪو هيو.
اوچتو هن کي قبرستان جي خاموشيءَ مان مِڻ مِڻ جا آواز آيا، ائين جيئن ڪنهن قبر جي پاتال ۾ فرشتن جي پڇڻ تي ڪو روح هڪ ئي سر ۾ لڳاتار تيزي ۽ دهشت مان ڳالهائيندي، انهن جي سامهون پنهنجي روح جي پاڪيزگي بيان ڪندو هجي، هن ڪجهه گهڙيون ان آواز کي ڪنايو ۽ پوءِ هڪ دفعو وري قبرن کي لتاڙيندو، ڪلراٺي زمين تي ايامن ڪان اجايل انسانن جي ٽٽل ڀاڻي پيئڻ ڪري پيدا ٿيندر سپ سپ جهڙا آواز پيدا ڪندو اوڏانهن وڌيو. هن کي ڳچ پنڌ تي هڪ انسان نظر آيو، جيڪو هڪ پٿر جي وڏي دڪي تي جهول ۾ ڪو ڪتاب جهلي بغير ساهي جي مڻ مڻ ڪندڙ آوازن ۾ پڙهي رهيو هيو، هن جي اڇي ڏاڙهي جهول ۾ جهليل ڪتاب مٿان هوا ۾ ڦڙڪي رهي هئي، هو جڏهن اتي پهتو ته هن ڏٺو، ان ڪتاب ۾ عجيب و غريب لڪيرون، پاتل هيون، جيڪي هن کي سمجهه ۾ نه آيون، ٻيڍڙي هن جي قدمن جي آواز تي ڪنڌ کڻي هن کي مخاطب ڪيو.
“ڪنهن کي ڳوليندي ڳوليندي شايد پاڻ وڃائي وينو آهين ؟. آءُ توکي سڌو رستو ڏيکارڻ لاءِ تيار آهيان،”
ٻيڍڙي جو آواز پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ ڪرندڙ پٿر ڪري پيدا ٿيندڙلهرن جيان چوڌاري پکڙجي ويو،
“ڪوئي مون کي روز پڪاري ٿو ۽ آءُ جڏهن ان کي ڳوليان ٿو ته مون کي ان جهڙا هزارين ٽا نظر اچن، آءُ سمجهي نه ٿوسگهان مون کي پڪارڻ وارو ڪير آهي ؟ ”

“اها سڀ نراسائي آهي، سماج جون پستيون ۽ گناهہ انسان کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا، ۽ انسان جڏهن ڄاڻي واڻي هر سوچ کي لنوائي پنهنجي ذات تائين محدود رهي ٿو تہ اهي سوچون آخرڪار انسان جي لاشعور مان ڦاٽ ڪائي هڪ اهڙي پيڙا کي جنم ڏين ٿيون، جيڪا نراسائيءَ جو رخ اختيار ڪري ٿي، اها پيڙا ئي هڪ پڪار آهي جيڪا هر هر انسان کي پڻڪائي ٿي، انسان هميشہ پاڻ تائين سوچيندو آيو آهي، هن مفاد پرستيءَ جي ان پڻيءَ کي شايد ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو آهي، جيڪا هن جي اکين تي سدائين ٻڌل رهي آهي، هو ائين ئي اڻ مڃجهندڙ راهن تي هلي انڌيرن کي ئي زندگي ڪوٺيندو آيو آهي ” ٻيڙي جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا ۽ هن وات ۾ پرجي آيل پاڻيءَ کي ڳيت ڏئي هيٺ لاتو، جنهن ڪان هن جي نڙ گهٽ جو هڏو پراڻين ۽ رجعت پسند سوچن جي خنجر جيان مٿي بلند ٿي جديد ضرورتن جي سيني ۾ لهي ويو.

فنڪار پنهنجي روح کي ٽچڪندو محسوس ڪيو، “آخرڪار چين ۽ سڪون ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو، نراسائيءَ جو ڪهڙو علاج آهي ؟ ”

“جيڪڏهن واقعي ئي تون چين ۽ سڪون چاهين ٿو تہ توکي ٻين جي چين ۽ سڪون لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي، جيڪا اڻ سڌي طرح تنهنجي پنهنجي چين ۽ سڪون لاءِ هوندي، ٻين کي جيئارڻ پاڻ کي امر ڪرڻ آهي، نراسائي تڏهن ختم ٿيندي جڏهن سيني وٽ چين هوندو. ”

فنڪار ٻڍي جي ڪنهن بہ ڳالهہ مان مطمعن نہ ٿيو ۽ پڇيو،

“خوشيون تڏهن حاصل ٿينديون جڏهن ٻئي کي خوشيون ڏبيون، بي چيني تڏهن ختم ٿيندي جڏهن سيني وٽ چين هوندو، پر مان فنڪار آهيان، ڇا مان هزارين روپين جي عيوض پنهنجي ناهيل تخليق وڪڻي خوشيون حاصل ڪري نہ ٿو سگهان ؟”

“توکي مان پهريون ئي ٻڌائي آيو آهيان تہ پنهنجي ذات تائين محدود سوچ سماج ۾ نراسائي کي جنم ڏئي ٿي” ٻيڙي پنهنجي ڪفن جهڙي اڇي ڏاڙهي تي هٿ گهمائيندي ڳالهہ جاري رکي. حقيقي فن جي قيمت ناڻو نہ صرف سماج جي رد بدل هوندي آهي جيڪو فنڪار فن کي عوامي روپ کان موڙي ذهني عياشي جو رخ ڏئي ٿو اهو ان ڇري وانگر آهي جيڪو پنهنجين خوشين جي لاش مٿان روئڻ بدران بي سرا ٺهڪ ڏئي پاڻ کي مطمعن ڪري ٿو تہ خوشيون جيئريون آهن ۽ آءُ جيئان ٿو، نالو چاهيندڙ ان رڙيون ڪندڙ فقير جيان آهي جيڪو وچ بازار ۾ پاڻ کي زوري انڌو سڏي ماڻهن کي متوجہ ڪري ٿو. اهو وٺي سگهي ٿو پر ان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. حقيقي فنڪار عوامي آهي جيڪو عوام جي ڏکن کي تخليقي

رنگ ڏئي ٿو ۽ عملي روپ ۾ سيني کان اڳرو آهي، حقيقي خوشيون ماحول جي اهڙي رد بدل ۾ آهن جيڪي عوام جي سڪون ۽ زندگي جي محسوس سان منور هجن، اهو ئي آهي بيزاري، پيڙا ۽ نراسائي جي ختم ڪرڻ جو طريقو ۽ وڃندڙ ڪڙن جو آواز.”

فنڪار ٻيڙي جون ڳالهيون ٻڌي بيزار ٿي ويو، هن کي گرمي محسوس ٿي ۽ من ڪچو پڪو ٿيڻ لڳو، هن آسمان ۾ نظر ڦيري، چنڊ کان ڏور ڇڏا ستارا هر طرف ڦهليل هيا، چنڊ جا پيرا ڪافي اڳتي وڌي چڪا هيا. هو اڳتي وڌيو ۽ هن ڏوراهين ۾ گهوريندڙ ۽ سڪتي جي عالم ۾ ويٺل ٻيڙي جي هٿن کي هٿن ۾ وٺي چمي ڏني، هن پنهنجا چپ برسات ۾ ڪريل ڪيلي جي آيلن ڦرهن تي محسوس ڪيا، ٿڌا خوشي کان جان ۾ اٿندڙ ڌرڙين جهڙا.

هو موڪلائي اڳتي وڌيو ۽ ٻيڙو هڪ دفعو وري ان عجيب و غريب ڪتاب ۾ ڪوئجي ويو. هن اک ڀٽي ته شام ٿي چڪي هئي، سڄي رات جاڳڻ ڪانپوءِ هن سڄو ڏينهن آرام ۾ گذاريو هيو. هو اٿيو ۽ هن جي نظر پنهنجي تخليق تي پئي، هن کي پنهنجي حسين تخليق ڏسڻ کان پوءِ محسوس ٿيو. تياڳ ڪجي، خوش ٿي روئجي. رات قبرستان کان موٽندي هن باقي رات جاڳي ان کي مڪمل ڪيو هيو ۽ اها هاڻي ڀرپور رنگن سان هن آڏو هئي، سج جي ڳاڙهن ڪنولن مٿان پوندڙ شعاعن جهڙو منهن، ٻرندڙ جبل جي مٿان کان هيٺ لهندڙ لاوي جهڙا وار. سمنڊ ۾ لهندڙ سج جهڙيون اکيون ۽ شفق جهڙا چپ. هڪ خوبصورت ۽ لافاني تصوير، هو ان تخليق کي ڏسي ئي رهيو هيو ته روز جيان ڪڙي ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو ۽ هن جي اڳيان راتوڪا منظر ڦري ويا، اڇي ڏاڙهي وارو ٻيڙو ۽ قبرستان جي هيڊي چانڊوڪي. ڪجهه دير کان پوءِ هن پاڻ کي پر درد دانهن جي هڪدم خاموش ٿي وڃڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ ماحول جهڙين اداس ۽ ويران اونداهين گهٽين ۾ پاتو ۽ هن جون اکيون ڪنهن کي ڳولي رهيون هيون. هو بدمست ايندڙ ۽ ويندڙ جي منهن ۾ جاچيندو اڳتي وڌندو ويو هر طرف کان دونهون ۽ سردي جيئن آهون ۽ درد بخارن جو روپ اختيار ڪري شهر جي مٿان ڌنڌ ٿاهي بيهي رهيا هجن، هلندي هلندي هن کي هڪ ويران گهٽي مان ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، هن پٺتي مڙي ڏٺو نقاب ۾ ڍڪيل هڪ عورت وات سان سڏڻ ڪانپوءِ هن کي اکين جا اشارا ڪري رهي هئي. اها عورت ڪيڏي نه پر وقار هئي، ڪاري برقعي ۾ ڍڪيل ڪنهن جي انتظار ۾ ڪٽيل راتين جهڙو ڏکهو بدن. هو پوري طرح ان عورت ڏانهن متوجه ٿي ويو ۽ عورت هن کي پاڻ ڏانهن اشارو ڏنو.

هو ان عورت پٺيان هلندو هلندو هڪ ويران جاءِ ۾ اچي پهتو عورت هن کي هڪ پراڻي طرز جي ڪرسي تي ويهڻ لاءِ چيو، پر هو خاموش بيٺو رهيو، هن کي عورت جي ادا ايتري

تہ وٽي وئي هئي جو هو باقي هر شيءَ کان غافل هيو، هو عورت کي ڏسندو رهيو، عورت شڪي ٿيندي پنهنجي نظرن کي هيٺ جهڪائي ڇڏيو،
“توهان کي جيڪڏهن منهنجي ضرورت هجي تہ آءُ حاضر آهيان”
عورت جو آواز پراڻي کوٺي ۾ گونجيو.
فنڪار هن جو مطلب سمجهي ويو ۽ سوچيو وئشيا بہ عظيم آهي، جديد نظريو آهي. هوءَ پنهنجي پيٽ جا ڏک سور گهٽائڻ لاءِ پنهنجي وجود کي وساري پاڻ کي ٻئي جي حوالي ٿي ڪري. ان کي تسڪين پهچائي پنهنجا مسئلا حل ٿي ڪري.
پر تڏهن بہ فنڪار نہ سمجهڻ واري انداز ۾ عورت کي چيو “ تنهنجو مطلب ڇا آهي ” ؟
عورت هيڏي هوڏي نهاري پنهنجي آڱرين کي مهٽيو. “پيٽ پريل زندگي” هن چيو ۽ پنهنجي منهن تان نقاب هٽائي ڇڏيو، فنڪار بلڪل حيران ٿي ويو هن جي اڳيان ڪينواس تي ٺهيل لکن روپين جي تصوير جي جيئري جاڳندي مورت هئي، سج جي ڳاڙهن ڪنولن مٿان پوندڙ شعاعن جهڙو منهن ٻرندڙ جبل جي مٿان ڪان هيٺ ڪرندڙ لاوي جهڙا وار، سمنڊ ۾ لهندڙ سج جهڙيون اکيون ۽ شفق جهڙا چپ. هن وچڙيل لفظن ۾ عورت کان لاشعور طور پڇيو،
“هڪ رات جي عيوض گهڻا پئسا ؟ ”
عورت جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي
“صرف ڏهہ روپيا ” هن چيو.
فنڪار جي اکين اڳيان هزارين ڪارا ترورا اچي ويا، هو اکين تي ٻانهن ڏئي روئي پيو. هن کي پنهنجي شڪست جو اعتراف ٿي ويو، هن جي دماغ ۾ بزرگ جا لفظ پڙاڏا بڻجي جاڳي پيا، حقيقي فنڪار عوامي آهي جيڪو ڏکن کي تخليقي رنگ ڏئي ٿو ۽ عملي روپ ۾ سيني کان اڳرو آهي، حقيقي خوشيون ماحول جي اهڙي ردبدل ۾ آهن جيڪي عوام جي سڪون ۾ زندگي جي محسوس سان منور هجن، اهو ئي آهي، بيزاري پيڙا ۽ نراسائي جي ختم ڪرڻ جو طريقو ۽ وچندڙ ڪڙن جو آواز.